# ملڪ نورجهان

ڊاڪٽر نور ناز جهتيال

ان مغليہ راڻيءَ جي داستان حيات، جيڪا غربت جي اونداهين منجهان اٿي ۽ هندوستان جي تاج جي مالڪ بڻجي وئي. مغليہ خاندان جو چوٿين بادشاه يعني جهانگير بادشاه سندس ذهانت ۽ فطانت کان ايڏو تہ متاثر هو جو سڄي حڪومت جو ڪاروبار کيس عطا ڪيائين ۽ پاڻ شراب جي نشي ۾ ٻڏي گوشہ نشين ٿي ويو.



مغليہ دور جي پهرين ۽ آخري راڻي جنهن جي نالي سان سڪ ٽڪسال منجهان نڪتا

هندستان جي تاريخ ۾ ڪا اهڙي ٻي هستي ناهي، جنهن ملڪ جهان کان وڌيڪ مشهوري ماڻي هجي. مغلن انهيءَ عاليشان سلطنت تي گهٽ ۾ گهٽ ساڍا ٽي سؤ سال حڪومت ڪئي. چوٿين مغل شهنشاه



نورالدين محمد جهانگير جو عشق انهيءَ ڏکهي وقت جي انهن چند ڏيان ڇڪائيندڙ واقعن مان هڪ آهي، جن جو ذڪر تاريخ لکندڙن سڄي تفصيل سان بيان ڪيو آهي. ڪن مؤرخن انهيءَ عشق کي مغل بادشاهت جو اوج ۽ ڪن زوال ڇيو آهي. ڇو ته هنن جي چواڻي جهانگير جو شمار مغليه عهد جي طاقتور شهنشاهن ۾ ٿئي ٿو. پر عظيم مغل بادشاهه، جن جي اک جي هڪ اشاري سان ڪروڙين انسانن جو زندگيون وابسته هيون، پنهنجي حڪومت جي پاڇهه سالن مان سورنهن سال هڪ انتهائي سندر ۽ باصلاحيت عورت جي زلفن جو اسير رهيو، جنهن جي مرضيءَ کانسواءِ وسيع مغل سلطنت جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ڪو پن به نه چرندو هو، نه ڪو حڪم هلندو هو.

جيڪي مؤرخ نورجهان ۽ جهانگير جي عشق کي مغل سلطنت جو عروج چون ٿا، انهن آڏو مغلن جي اها بهترين ملڪه هئي، جنهن حڪومت کان وٺي سماجي حد تائين انقلاب آندو ۽ اهڙيون ته سهولتون پيدا ڪيون، جن مان سڄي سماج فائدو حاصل ڪيو. جڏهن ته انهيءَ لاڳاپي کي مغلن جي زوال جو شروع چوڻ وارا اهو سبب ڄاڻائين ٿا ته اها نورجهان هئي، جنهن جي ڪري پهريون ڀيرو مضبوط سلطنت جي وارثن ۾ جنگ شروع ٿي. مغل شهزادن تخت حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي جو رت وهائڻ شروع ڪيو. ان نااتفاقيءَ مغلن جي پاڙن کي ايترو ته ڪمزور ڪيو، جو جيڪي ڪڏهن هندستان جا تاجدار هئا، سي دهليءَ جي گهٽين ۾ پنڻ تي مجبور ٿي پيا. اهيءَ اختلاف ڪندڙ مؤرخ وري به نورجهان کي تاريخ جي هردلعزيز ۽ طاقتور راڻين ۾ ڳڻين ٿا. ڇو ته هوءَ سورنهن سال صرف هڪ بادشاهه جي گهر واري نه رهي هئي، پر بادشاهت جي ڪمن ۾ هن جو وڏو عمل دخل هو. انهن سورنهن سالن کي محبت جو ڏکهو عرصو نه پر اهڙو دور ڇئي سگهجي ٿو، جنهن ۾ چوطرف فقط ۽ فقط نورجهان جي نالي جو چرچو هو. انهيءَ وقت ۾ نورجهان شاهي محل ۽ حويليءَ ۾ وفادار زال ۽ دلنواز محبوبه ۽ طاقتور راڻيءَ جي روپ ۾ نه فقط جيئري هئي، پر جڏهن هن جي مڙس جي حڪومت ڪمزور ٿي وئي يا ڪنهن بغاوت ڪر ٿي ڪنيو ته هن نه فقط مغل سلطنت جي نگراني ٿي ڪئي، پر باغين خلاف شاهي فوج جي اڳواڻي ڪندي جنگ جي ميدان ۾ به بهادريءَ سان سپاهين سان گڏ مقابلو ٿي ڪيو. انهيءَ محبت جي داستان تي محبت جو رنگ گهٽ، سياسي رنگ

وڏيڪ چڙهيل آهي.

نورجهان، هندستان جي اهو پهرين ۽ شايد آخري راڻي آهي، جنهن جو نه رڳو نالو سڪن تي باقائدي لکيو ويو، پر هن جي نالي سان باقاعده شاهي حڪم پڻ جاري ٿيندا هئا. نورجهان جي اهميت جو اندازو جهانگير جي فقط هڪ جملي مان لڳائي سگهجي ٿو. "مون سڄي بادشاهت نورجهان جي نالي لکي ڇڏي آهي. مون کي سواءِ شراب ۽ هڪ سير گوشت کانسواءِ ٻيو ڪجهه نه گهرجي."

هندستان جي تخت ۽ تاج کي زينت بخشيندڙ هيءَ جادوگرياڻي ڪير هئي ۽ جهانگير جي زندگيءَ ۾ ڪيئن آئي؟ ان بابت مؤرخن ۽ محققن ڊار ڊار ڪهاڻيون ٻڌايون آهن. اهڙيءَ طرح ٻين عشقيه داستانن جيان هي داستان به گهڻن تضادن جو شڪار آهي. پر هن جي تاريخي اهميت کان ڪير به انڪار نه ٿو ڪري سگهي.

اهو به عجيب اتفاق آهي جو سورنهن سالن تائين مغل سلطنت تي راڄ ڪندڙ هستي ۽ تيمورين جي لڄ ۽ عزت هئڻ واري عورت، تيموري نسل مان نه هئي ۽ نه وري شروع کان اها نورجهان هئي. پر بيوسيءَ ۾ پنهنجي ماءُ، پيءُ کي ڇمندڙ اها بدنصيب ٻارڙي هئي، جنهن کي پالڻ جي طاقت نه رکندي هڪ رستي جي ڪناري ڦٽو ڪيو ويو. هن جي شروع واري زندگي افساني ۽ ڪوڙين ڪهاڻين جيان آهي.

وارڊ جي ڪتاب "هسٽري آف انڊيا" ۽ ٻين انگريزي، اردو، فارسي تاريخ ڪتابن مطابق نورجهان جي پيءُ جو نالو خواجه غياض يا غياث بيگ هو. هن جو تعلق تاتار جي هڪ پڙهيل اعليٰ خاندان سان هو. غياث بيگ هڪ غريب عورت سان محبت ڪئي ۽ پوءِ هن سان شادي ڪيائين. مؤرخن ان عورت جو نالو عصمت بيگم بيان ڪيو آهي.

شاديءَ کان پوءِ حالتون اهڙيون ٿي ويون جو دولتمند غياث بيگ کي به زال جي غربت وار بيماري لڳي وئي ۽ نهايت غربت واري حالت ۾ وطن ڇڏيائين. ڇيو وڃي ٿو ته ڏکڻ جي تاتارين جي واحد پناهه انهن ڏينهن ۾ هندستان هو. جنهنڪري غياث بيگ پنهنجي ڪٽنب سميت قسمت آزمائڻ جو فيصلو ڪيو. هن پنهنجي ڳورهاري زال کي گهوڙي تي ويهاريو ۽ هندستان روانو ٿي ويو. جيڪو ٿورو گهڻو سامان هن وٽ هو، اهو رستي ۾ ختم ٿي ويو ۽ هو بک کائڻ لڳو. هڪڙو ڏينهن اهڙو آيو جو هزارين اشرفيون کپائيندڙ غياث بيگ پائي پائيءَ جو محتاج ٿي ويو ۽ باقاعده پني پنهنجو

۽ پنهنجن ٻارن جو پيٽ پالڻ لڳو. سفر جاري رهيو ۽ قافلو هڪ برپٽ ۾ پهتو. جتي تاتار جي حد ختم ۽ مغل سلطنت جي حد شروع ٿي ٿي. پري پري تائين ڪنهن آبادي جو ڏس نه هو. غياث بيگ جو ڪٽنب بک تي هو. انهيءَ شام جو. انهيءَ برپٽ بيابان ۾ عصمت بيگم هڪ ٻارڙيءَ کي جنم ڏنو. ٻي ڪا مهل هجي ها ته غياث بيگ ۽ عصمت بيگم خدا آڏو شڪرانا بجا آڻين ها. پر هتي ته هنن کي پنهنجي ڪاڻ لاءِ به ڪجهه نه هو. هڪ نئين مهمان لاءِ هن جي ماءُ جي پيٽ ۾ ڪجهه نه ڪجهه هئڻ ضروري هو.

ٽن ڪلاڪن تائين ٻڪايل ٻارڙي، ماءُ جي کير کان خالي ڇاتين کي چنبڙيل رهي ۽ کير جي هڪ ڦڙي لاءِ تڙپندي رهي ۽ غياث بيگ ان ڳالهه لاءِ ترسيل هو ته شايد ڪو قافلو هن پاسي اچي نڪري، هنن جي واهر ڪري ۽ کين انهيءَ عذاب کان ڇوٽڪارو ڏياري. ڪنهن کي نه اچڻو هو سو نه آيو. شام جا پاڇا رات ۾ بدليا ته انهيءَ ڪٽنب کي وحشي جانورن جو ڊپ وڪوڙي ويو. جنهن ڪري هنن اتان وڃڻ جو فيصلو ڪيو. پر مسئلو نئين ڄاول ٻارڙي جو هو. جنهن ننڍ مان اتي غريب ماءُ پيءُ کي وڏيڪ پريشان ڪري ڇڏيو هو. ڪوبه مائٽ نه چاهيندو آهي ته سندس اولاد کا تڪليف ڏسي. اها ڳنڀير صورتحال غياث بيگ ۽ هن جي زال سان هئي. پر انهن ٻنهي ۾ ايتري طاقت هئي. نه حيل نه وسيلا هئڻ جو ننڍڙي وجود کي سهي سگهن. جنهن ڪري انسانيت ۽ درندگيءَ ۾ ڏکهي جدوجهد ٿي ۽ ٻارڙيءَ کي پاڻ سان گڏ نه کڻي وڃڻ ڪري ٻارڙيءَ کي پنن سان ڍڪي هڪ وڻ هيٺان ڇڏي ڏنائون ۽ روئندا اڳتي هليا ويا.

حالتن ۽ غربت جي تقاضا هئي ته سفر جاري رکجي، پر هڪ ماءُ جي ممتا انهيءَ ظلم تي ڏکايل هئي. ڪجهه دير هن صبر ڪيو. جڏهن ٻارڙي اکين کان پري ٿي وئي ته هن کان صبر ڇڏائجي ويو ۽ هوءَ گهوڙي تان لهي "منهنجي ٻارڙي، منهنجي ٻارڙي" ڪندي زاروزار روئڻ لڳي. ٻئي ماءُ پيءُ انهيءَ جاءِ ڏانهن موٽيا ته ٻيو نظارو هنن جو منتظر هو. هڪ ڪاري نانگ انهيءَ جاءِ کي گهيري ويٺو هو. جنهن هنڌ ٻارڙيءَ کي پنن سان ڍڪي ڇڏيو هئائون. ٻنهي کي ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو ته ڇا ڪجي؟ ڪو هٿيار به نه هئن، جنهن سان نانگ کي مارين . هنن رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون، ته جيئن نانگ اتان هليو وڃي. اهو خطرو به هو ته ڪٿي نانگ، ٻارڙيءَ کي نقصان نه

پهچائي. قدرت کي هنن تي ترس اچي ويو. نانگ اتان هليو ويو.

ماءُ ڊوڙي پن پري ڪري ٻارڙيءَ کي کڻي سيني سان لڳايو. ٻارڙيءَ کي کڻي هنن ٻيهر سفر شروع ڪيو. منزل لاهور هئي. ڪجهه ڏينهن غياث بيگ ڌڪا کائيندو رهيو. پر ڪٿي به کيس نوڪري نه ملي. حالتون وس کان ٻاهر هيون. هو لنگهڻ ڪاٽي رهيا هئا. بک هنن مٿان موت جيان لامارا ڏئي رهي هئي.

قدرت هنن جو ضرور ڪجهه ڏينهن وڌيڪ امتحان ورتو هو. پر نيٺ هنن تي ترس اچي ويس. اتفاق سان غياث بيگ کي پنهنجو پراڻو دوست ملي ويو. جنهن کيس مغل بادشاهه جلال الدين محمداڪبر جي دربار ۾ پهچايو.

اڪبر بادشاهه بلڪل اڻ پڙهيل ۽ تقرير ۽ تحرير جي فن کان صفا نابلد هو. پر انسان سڃاڻڻ جو فن سٺو ايندو هوس. پهرئين دفعي هن اندازو ڪيو ته هن بڪايل ماڻهوءَ ۾ تمام گهڻا جوهر لڪل آهن. بس شاهه جي هڪ نظر غياث بيگ جي تقدير بدلائي ڇڏي ۽ نهايت ڪشالن سان دربار تائين رسندڙ تاتاري، جيڪو بدحال هئڻ سان گڏ پرديسي پڻ هو. تمام جلدي شاهي محل جي عهديدارن ۾ اچي ويو هو. جيڪو به ويلا مانيءَ لاءِ واجهائيندو هو، هاڻ عزت، دولت ۽ شهرت جي اوچائيءَ تائين پهچي ويو.

رستي ۾ ڄمندڙ ٻارڙيءَ جو نالو مهرالنساءِ رکيو ويو. کيس آرام ۽ سهولتون مليون ته هن جو حسن دلڪش ٿي سامهون آيو.

هڪ دور اهڙو به آيو جو کيس سيني عورتن کان وڌ سونهن، موسيقي، شاعري، خوش مزاجي، حاضر جوابي ۽ نچڻ ۾ کيس مڃيو ويو. هوءَ پرين جهڙي سندر هئي. هن جي سونهن جي هاڪ سڄي جهان ۾ پکڙيل هئي. مشهور هو ته قدرت اهڙي سونهن ڪنهن کي به نه بخشي هئي ۽ هن کي سونهن، سندرتا، سوڀيا ڏيئي هٿ روڪي ڇڏيو هو. سچ هن جو سندر مک ڏسي ايرندو هو ۽ چنڊ هن جي نور سان منور ٿي جرڪندو هو. هن جي سونهن، سوڀيا جي تعريف لکندي قلم مان نور جا ڦونهارا ڦٽي پوندا هئا.

پيءُ جي عهدي جي ڪري مهرالنسا جو شاهي محل ۾ اچڻ وڃڻ ٿيندو هو، جتي هن جو سامهون سلطنت جي ولي عهد شهزادي سليم سان ٿيو.شهزادي سندس حسن جي اڳيان جهڪي ويو ۽ کيس حاصل ڪرڻ جون ڪوششون ڪرڻ لڳو. هڪ عام دعوت ۾ مهرو به ڪوشش ڪئي ته شهزادو

سليم سندس وڪڙ ۾ اچي وڃي. پر اها هڪ طرفي( يا ٻي طرفي) محبت پروان چڙهي نہ سگهي ۽ مهرو جي شادي هڪ بهادر ايراني شيرافگن سان ٿي وئي.

شهزادو سليم جڏهن نور الدين محمد جهانگير جي لقب سان هندستان جي تخت تي ويٺو تہ هن پنهنجي جوانيءَ واري محبوبہ کي حاصل ڪرڻ جون ڪوششون شروع ڪيون. مهرو، شيرافگن جي زال هئي. اهو هن جو رقيب ۽ راهہ جو پٿر هو. جنهن ڪري هن کيس مارائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر کيس ناڪام ٿيڻو پيو. پوءِ هڪ مست هاٿيءَ کي شيرافگن جي آڏو ان خيال کان آندو ويو تہ هاٿي شيرافگن کي چيپاٽي ڇڏيندو. شيرافگن تلوار جي هڪ ئي وار سان ان جي سونڊ وڍي ڇڏي. مست هاٿي زخمي ٿي ڪيترن ئي تماشو ڏسندڙن کي چيپاٽيندو ميدان مان ڀڄي ويو.

نہ فقط اهو پر شيرافگن کي مارڻ لاءِ گهڻيون سازشون ڪيون ويون. بادشاهہ جي حڪم تي ڪيترا ماڻهو هن کي قتل ڪرڻ ويا، پر هن سڀني کي قتل ڪري ڇڏيو.

آخرڪار جهانگير جو ٿڃ شريڪ ڀاءُ ۽ شيخ سليم چشتيءَ جو پٽ قطب الدين، بادشاهہ جي دشمن يعني بنگال جي صوبيدار شيرافگن کي سندس ساٿين سميت ڏوڪي سان قتل ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو، پر پاڻ بہ شيرافگن هٿان قتل ٿي ويو.

شيرافگن جي زال مهرالنساءِ کي گرفتار ڪيو ويو، پر هن اها ڪهاڻي ناهي تہ شيرافگن پنهنجي قتل جي پيشنگوئي پهريائين ڪري ڇڏي هئي ۽ هن مون کان اهو حلف ورتو هو تہ مان بادشاهہ جي مرضيءَ تي عمل ڪيان. ٿي سگهي ٿو تہ مهرالنساءِ کي گرفتار ڪندڙن ان ڪهاڻيءَ تي ويساهہ ڪيو هجي، پر جڏهن کيس دار السلطنت اماڻيو ويو. تہ جهانگير پنهنجي ٿڃ شريڪ ڀاءُ جي قتل تي ايڏو تہ ڏمريل هو جو هن مهرالنساءِ کي ڏسڻ ۽ ملڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ مهرالنسا هندستان جي واليءَ کي فتح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن ۾ نيٺ هوءَ چار سالن کان پوءِ ڪامياب ٿي وئي. جهانگير هن سان شادي ڪري کيس پنهنجي محل ۾ رکيو. هن جو شاهي محل تائين پهچڻ ۾ هڪ تسلسل ملي ٿو. پر ڪيترن ليکڪن ۽ تاريخدانن ان کي فقط هڪ داستان ڪوٺيو آهي. تاريخ نہ...هر مؤرخ نورجهان جي محبت جي داستان کي پنهنجي رنگ ۾

ورتو آهي. ڪيترا تاريخدان ان جي ڪيترن واقعن کان انڪاري آهن. جهانگير جي پنهنجي لکيل "تزڪ جهانگيري" ۾ آهي تہ غياث بيگ، خواجہ محمد شريف طهراڻيءَ جو پٽ هو. خواجہ محمد شريف طهراڻي شروع ۾ خراسان جي حاڪم محمد خان تڪلو جو وزير هو. محمد خان جي وفات کان پوءِ هو شاهي طهماسپ صفويءَ جي دربار سان لاڳاپجي ويو. وزارت جون ذميداريون هن کي ڏنيون ويون. خواجہ محمد شريف جا بہ پٽ هئا. آغا طاهر ۽ مرزا غياث بيگ.

خواجہ محمد شريف جي وفات کانپوءِ مرزا غياث بيگ پنهنجي ڪٽنب سان گڏ هندستان هليو آيو. رستي ۾ قنڌار وٽ کيس نياڻي ڄائي. هو هندستان ۾ فتحپور سيڪري پهچي اڪبر بادشاهہ جي دربار ۾ حاضر ٿيو.

اڪبر، مرزا غياث بيگ کي نوڪري ڏني. کيس گهڻ وقت ۾ پنهنجي ذهانت، خدمت گذاريءَ ڪري ديوان مقرر ڪيو ويو. مرزا غياث بيگ خط و ڪتابت ۾ هوشيار هو. سنو ڳالهائيندڙ هو ۽ پراڻن شاعرن جي پنيان هلندو هو. خط لکڻ ۾ ماهر هو. پنهنجو وقت شعر گوئي ۽ ڳائڻ ۾ گهاريندو هو. ايڏو نيڪدل هو جو پنهنجن دوستن ۽ ضرورتمندن جي مدد ڪندو رهندو هو. ڪير بہ هن جي در تان خالي هٿين نہ ويندو هو.

جن ڏينهن ۾اڪبر بادشاهہ لاهور ۾ ترسيل هو، هڪ ماڻهو علي قلي اسجلو، جيڪو شاهہ اسماعيل ثاني (ايران جو بادشاهہ) جو نمڪ خوار هو، عراق مان اچي اڪبر بادشاهہ وٽ نوڪري ڪئي. مرزا غياث بيگ هن جي ڌيءُ، جيڪا قنڌار ۾ ڄائي هئي، ان جي علي قلي بيگ سان شادي ڪرائي ڇڏي. ڪجهہ وقت کانپوءِ علي قلي بيگ، تخت تاج جي وارث سليم جي نظرن ۾ ايڏي تہ جاءِ والاري جو کيس شيرافگن جي لقب سان نوازيو ويو. جڏهن هو، بادشاهہ جي حيثيت ۾ تخت تي ويٺو تہ کيس بنگال جي صوبيداري ڏني وئي.

جڏهن شيرافگن، بنگال ۾ قتل ٿيو تہ شهنشاهہ جهانگير جي حڪم سان بنگال صوبي وارن غياث بيگ جي ڌيءُ کي شاهي محل ۾ موڪلي ڇڏيو. قطب الدين، جهانگير جو ٿڃ شريڪ ڀاءُ هو، اهو شيرافگن جي هٿان قتل ٿيو هو. ان لاءِ جهانگير جي دل ۾ رنجش هئي. جنهن ڪري هن علق قلي بيگ جي زال مهر النساءِ کي پنهنجي ماٽيلي ماءُ رقيہ سلطان بيگم جي حوالي ڪري ڇڏيو.

ڪجهہ وقت مهر النساءِ هن

جي خدمت ڪئي. نيٺ هن جي قسمت بدلجي وئي. "نوروز" جي جشن مهل شهنشاهه جهانگير جي نظر هن تي پئي ۽ هوءَ، ڪيس وڻي وئي. شهنشاهه ڪيس شاهي محل ۾ رکڻ جو اعزاز بخشيو. ان کي پهرين "نور محل" ۽ پوءِ "نورجهان" جو لقب ڏنو. نورجهان جي سيني مائٽن کي وڏا وڏا عهدا ڏنا ويا.

نورجهان جي پيءُ اعتمادالدوله مرزا غياث بيگ کي "وڪالت ڪل" جو عهدو ڏنو ويو. ان جي وڏي پٽ ابو الحسن کي اعتقاد خان لقب ۽ خان سامان جوعهدو ڏنو ويو. ان کانسواءِ هن جي ٻين مائٽن کي خاني جي لقب سان نوازيو ويو. برڪت رائي دائي، جنهن نورجهان کي ٿڃ پياري هئي، حاجي ڪوڪ جي لقب سان نوازي محل جي ديوان مقرر ڪئي وئي. ايستائين جو شاهي خرچ، جيڪو محلن ۾ ڏنو ويندو هو، اهو هن جي مهر سان ڏنو ويندو هو.

نورجهان بيگم، شهنشاهه جي دل ۾ ايترو گهر ڪري وئي جو خطبي کانسواءِ سلطنت جا سڀ ڪم هن جي حڪم سان ٿيندا هئا. هوءَ ٿوري دير دريءَ ۾ ويهندي هئي. سيئي وزير حاضر ٿي هن جي ادب ۾ هن جي حڪم ٻڌڻ لاءِ آتا هوندا هئا. هن جي نالي جو سڪو هلندو هو ۽ شاهي فرمانن تي "حڪم عليته العاليه نورجهان بيگم بادشاهه لکيل هوندو هو. هوريان هوريان شهنشاهه جهانگير، حڪومت کان پاسيرو ٿي ويو ۽ حڪومت جو واڳون نورجهان بيگم جي حوالي ڪري ڇڏيائين. روايت آهي ته نورجهان جو نالو جهانگير لاءِ باعث لذت هو. هن تزڪ جهانگيري ۾ نورجهان جو ذڪر ڪيو آهي. پر ڪنهن به جملي ۾ پنهنجي راڻيءَ لاءِ غير معمولي انداز ۾ ذڪر ناهي ڪيو. هن ڪيس نورجهان بيگم جي نالي سان ياد ڪيو آهي. جهانگير پنهنجي تزڪ ۾ پاڻ مرادو مهرالنساءِ کي پنهنجي زندگيءَ ۾ آڻڻ ۽ نورجهان جي رتبي تائين پهچائڻ جو ذڪر نه ڪيو آهي. هڪ ٻيو مغل بادشاهه محمد شاهه (1719ع کان 1748ع) جي حڪومتي دور ۾ هڪ درٻاري امير مرزا محمد هادي، تزڪ جهانگيري جو هڪ مقدمو لکيو، جنهن ۾ هن جهانگير جي ڄمڻ کان تخت تائين پهچڻ جو ذڪر ڪيو آهي. جهانگير، شهزادي هئڻ واري وقت جو ذڪر تزڪ ۾ پاڻ ناهي لکيو. ان لاءِ مرزا هاديءَ جي مقدمي کي انهيءَ ڪتاب جو ڀاڱو بڻايو ويو . انهيءَ مقدمي ۾ جهانگير جي شادي ۽ ان کانپوءِ سلطنت تي راڻي نورجهان جي اثر جو به ذڪر آهي.

تزک جهانگيري مطابق تخت تي ويهڻ کانپوءِ شهنشاهه بارنهن حڪم جاري ڪيا. ان وقت مهر النساءِ، علي قلي بيگ جي زال هئي. جنهن ۾ آخري حڪم سؤ تولا، پنجاهه تولا، ويهه تولا، ڏهه تولا، سونيون مهرون ٺاهڻ بابت هو. انهن سڪن جي هڪ پاسي هي بيت لکيل هو.

"شد چو خورزين سڪ نوراني جهان،
آفتاب مملکت تاريخ آن."

انهن پنهي مصرعن وچ ۾ ٽڪسال جو نالو، سال هجري ۽ تخت نشينيءَ جو سال کوٽيو ويو. اهڙيءَ طرح معمولي اشرفيءَ بدران نورجهاني سڪو رائج ٿيو. جنهن تي هيٺيون بيت لکيل هو:

"روي زررا ساخت نوراني برنگِ مهر و ماه،
شاهه نور الدين جهانگير ابن اڪبر بادشاهه"

1614ع ۾ جهانگيربيمار ٿيو ته هن احوال ۾ لکيو ته مان پنهنجي صحت جي خرابيءَ بابت هر ڪنهن کان لڪايو، ايسيتائين جو حڪيمن ۽ طبيبن کان به. ڪجهه وقت ائين گهارڻ کانپوءِ مون محل جي عورتن مان فقط نورجهان بيگم کي، جنهن کي مان سيني کان عزيز رکندو هوس، اهو راز ٻڌايو. انهيءَ سال نورجهان بيگم جي ماءُ گلاب جو عطر ٺاهيو ته جهانگير کيس موتين جي لڙي انعام ۾ ڏني. تزک جهانگيري ۾ آهي ته ان جو نالو نورجهان جي ماءُ "جهانگيري عطر" رکيو. 1616ع جي احوال ۾ جهانگير لکيو آهي ته مون انهن ڏينهن ۾ نورمحل کي نورجهان جي لقب سان نوازيو. اڳتي هلي جهانگير لکيو ته خميس ۽ جمعي واري رات نورجهان بيگم پنهنجي جاگير رام سر ۾ دعوت ڪئي.

1618ع ۾ نورجهان بيمار ٿي ته هندو، مسلمان طبيبن جي علاج ڪرائڻ کانپوءِ به هوءَ صحتياب نه ٿي ۽ هن وڌيڪ علاج ڪرڻ کان معافي ورتي.

ان کان پوءِ جهانگير لکي ٿو ته ڪجهه ڏينهن ٿيا، حڪيم روح الله سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ هن بيگم جو علاج پنهنجي ذمي ڪنيو. الله جي مهربانيءَ سان هن جي علاج سان هوءَ بلڪل صحتياب ٿي وئي.

ان خدمت طور مون حڪيم کي هن جي اباڻي وطن ۾ ٽي ڳوٺ جاگير طور ڏنا ۽ چانديءَ ۾ توري اها چاندي کيس انعام طور ڏني.

1619ع ۾ نورجهان بيگم

پهرين گولي سان شينهن ماريو. جهانگير ان جو ذڪر تزڪ ۾ ڪيو آهي. خلاصہ التواريخ جي ليکڪ سبحان راءِ ٻٽالوي چواڻي تہ مختلف صوبن جي اميرن کي جيڪي فرمان موڪليا ويندا هئا، انهن تي "حڪم عليہ عاليہ مهد عليا نورجهان بيگم بادشاهہ" لکيل هوندو هو. مهر شاهي تي بہ هيٺيون بيت لکيل هوندو هو:

"نور جهان گشت بہ حڪم الہ
همدم و همراز جهانگير شاهہ"

سبحان راءِ ٻٽالوي اهو بہ لکي ٿو تہ خطبو جهانگير جي نالي جو هو، پر سڪي تي جيڪا بيعت لکيل هئي، ان تي جهانگير جي بيگم جو بہ نالو هو.

"بہ حڪم شاهہ جهانگير يافت صد زيور
بہ نام نورجهان بادشاهہ بيگم زر!..."

ڪجهہ تاريخدانن مطابق نورجهان جو ڏاڏو خواجہ محمد شريف ايران جي صوبي خراسان جي حڪمران بيگلار بيگ جو وزير هو. جڏهن هن جي سرپرست جي وفات ٿي تہ ان جي پٽ ۽ جانشين قزق خان بہ خواجہ شريف کي سندس عهدي تي رهڻ ڏنو. پر جڏهن قزق خان گذاري ويو تہ ايران جي شاهہ طهماسپ، خواجہ شريف کي پاڻ وٽ گهرائي وزير جو عهدو ڏنو.

1577ع ۾ خواجہ شريف گذاري ويو تہ هن جو ڪٽنب پريشانين ۾ وڪوڙجي ويو. ٿي سگهي ٿو تہ شاهہ ايران، خواجہ شريف جي پٽ مرزا غياث بيگ کي اهميت لائق نہ ڄاتو هجي يا هو پاڻ بادشاهہ جي معيار تي پورو نہ لٿو هجي. بهرحال مرزا غياث الدين (غياث بيگ) کي پنهنجي وطن ۾ رهڻ بار محسوس ٿيو تہ هن هندستان لڏڻ جو فيصلو ڪيو.

هڪ قافلو ملڪ التجار ملڪ مسعود جي اڳواڻيءَ ۾ ايران کان هندستان وڃي رهيو هو. هڪ چوڪري ۽ ڳورهاري زال سان گڏ هي بہ انهيءَ قافلي سان شامل ٿي ويو . ڪيترين روايتن ۾ آهي تہ مرزا غياث بيگ جو ڀاءُ طاهر بيگ بہ هن سان گڏ هو. حفاظت لاءِ هٿياربند هنن سان گڏ هئا. پر هنن جو قافلو بہ لٽيندڙن کان محفوظ نہ رهيو.

اڃا اڌ رستو بہ نہ اڪريا هئا جو قافلو پنهنجي سامان کان محروم ٿي ويو. غياث بيگ بہ انهن مان هڪ هو. هنن جي ڪجهہ سامان ۽ ٻن خچرن ڪانسواءِ ڌاڙيل سڀ ڪجهہ ڪٽي ويا. هو بہ ٻين وانگر ڪجهہ نہ ڪري سگهيو.

پنهنجي زال ۽ ٻارن سان گڏ قنڌار پهچي ويو. ان شهر ۾ هن جي زال ٻارڙيءَ کي جنم ڏنو. غياث بيگ جي مالي حالت صحيح نہ هئي. جنهن ڪري ٻارڙي ۽ زال کي صحيح سنڀال نہ ٿي ڪري سگهيو. هن پنهنجي بيوسيءَ جو اظهار ملڪ مسعود آڏو ڪيو تہ هن جي دل نرم ٿي وئي ۽ هن سندس مدد ڪئي.

ڪيترين روايتن ۾ آهي تہ غياث بيگ، ٻارڙيءَ جي ڄمڻ کان پوءِ بيزار ٿي رات جو رستي ۾ ڇڏيو ڪيو تہ صبح جو جنهن ماڻهوءَ کيس کنيو، اهو ملڪ مسعود هو. مسعود، ٻارڙيءَ جي سونهن کان متاثر ٿي هن کي پالڻ جو ذمو کنيو. ڪجهہ تاريخدان چون ٿا تہ ملڪ مسعود، ٻارڙيءَ جي ماءُ پيءُ بابت ڄاڻندو هو. هو مرزا غياث بيگ جو پردو رکندي، انهن لاءِ سنئون سڌو مالي مدد نہ ڪري سگهيو. ان ڪري اهو ظاهر ڪرڻ ڪانسواءِ تہ هو حقيقت ڄاڻي ٿو، مرزا غياث بيگ جي زال کي ٻارڙيءَ کي ٿڃ پيارڻ ۽ پالڻ جي ذميواري ڏني. جنهن مان غياث بيگ جو گذارو ٿيڻ لڳو.

ڪجهہ تاريخدان ۽ تجزيو ڪندڙ ان کان انڪار ڪن ٿا. هنن جي چوڻي تہ ٻارڙيءَ کي ڇڏيو نہ ڪيو ويو هو. هنن کي ڇڏيو ڪرڻو هجي ها تہ سيني آڏو ڇڏيو ڪن ها، يا ڪنهن ڪنڊ ۾ رکي وڃن ها، يا وري اهو افسانو بين افسانن جيان نورجهان جي شاندار زندگيءَ جي پسمنظر کي اونداهو ڪرڻ لاءِ گهڙيو ويو آهي.

بهرحال ملڪ مسعود کي غياث بيگ جي صلاحيتن جو اندازو ٿي ويو ۽ هو کيس فتح پور سيڪري وٺي ويو. جيڪو انهن ڏينهن ۾ مغل شهنشاهہ جلال الدين محمد اڪبر جو تختگاهہ هو.

ملڪ مسعود، غياث بيگ جي تعريف اهڙي انداز ۾ ڪئي جو بادشاهہ کيس يڪدم شاهي نوڪرن ۾ شامل ڪري ڇڏيو. غياث بيگ جي اڪبر سان ملڻ جي حوالي سان خاص روايت بيان ڪئي وئي آهي. جنهن مطابق بادشاهہ، ملڪ مسعود کي چيو تہ تون هن دفعي سڻيون سوکڙيون نہ کڻي آيو آهين. ملڪ مسعود، بادشاهہ کي ادب مان عرض ڪيو، "عالم پناهہ! مان هن دفعي جيئريون جاڳنديون سوکڙيون کڻي آيو آهيان، جيڪي اڄ ڏينهن تائين پهرين ڪڏهن بہ ايران کان نہ آهن آيون." پوءِ هن غياث بيگ ۽ هن جي پٽن کي بادشاهہ آڏو پيش ڪيو. تاريخ کيس عالم، دلڪش، سنو ڳالهائيندڙ، اعليٰ درجي جو مقرر ۽ پاڻ تي قابو رکندڙ غير معمولي

انسان چيو آهي. هن جي گهر ۾ نوڪرن کي ڪوڙا هڻڻ، گاريون ڏيڻ، مارڻ جو ذڪر نہ هو. باقي هنَ جي مزاج ۾ حرص جو داغ هُو. ڪيس رحمدل ۽ سخي ٻڌايو ويجي ٿو. هو محنت نظم و ضبط جوتمام گهڻو خيال رکندو هو. اڪبر جي درٻار ۾ هن جي محنت ۽ جدوجهد جي تعريف ڪئي ويندي هئي. ان لاءِ هو پنهنجي عهدي تي ترقي ڪندو ويو.

1590ع ۾ هو ٽي هزاري منصب تائين پهچي ويو ۽ ڪابل جي ديوان جي اهم عهدي تي رسيو. انهيءَ وچ ۾ ان ڇوڪريءَ جنهن قنڌار ۾ جنم ورتو هو، سا ننڍپڻ کان ٽپي جوانيءَ تائين پهچي وئي. سندس نالو مهر النساءِ رکيل هو. علي قلي جو اصل نالو علي قلي استعجلي هو. (ڪجهہ تاريخدانن استجلو ۽ استجلي بہ لکيو آهي.) هو ايران جي شاهہ اسماعيل ٻئي جون سفير هو. هن کي پنهنجي مالڪ جي گذاري وڃڻ يا قتل ٿيڻ ڪري مجبوريءَ جي حالت ۾ پنهنجي وطن مان ڀڄڻو پيو. ڏکي ۽ خطرن سان ڀريل سفر ڪانپوءِ هو قنڌار رستي ملتان پهتو. جتي اڪبر جو نامور سپهہ سالار عبدالرحيم خانِ خانان پنهنجي فوج سان گڏ ترسيل هو، جنهن کي اڪبر ٺٽو شهر فتح ڪرڻ جي ذميواري ڏني هئي. علي قلي، خانِ خانان جي فوج ۾ نوڪري ورتي ۽ پنهنجي بهادري، همت کان ڪم وٺندي ايترو نالو ڪمايو جو خانِ خانان، شهنشاهہ جي نالي لکيل خطن ۾ هن جو ذڪر ڪيو.

اڪبر پنهنجي سپهہ سالار جي سفارش تي هن جو نالو درٻار اڪبري جي نوڪرن جي فهرست ۾ لکڻ جو حڪم ڏنو. جنگ جو فاتح خانِ خانان هن کي پاڻ سان گڏ وٺي لاهور آيو. 1591ع ۾ ڀهريون پيرو علي قليءَ جو نالو اڪبر جي اميرن ۾ شامل ٿيو.

1599ع ۾ هن کي شهزادي سليم ڏانهن مقرر ڪيو ويو. ڪجهہ تاريخدانن چيو آهي تہ علي قليءَ جي شادي شهزادي سليم جي خدمت ۾ مقرر ٿيڻ کان هڪ سال اڳ 1598 ۾ ٿي. ڪجهہ وري 1593ع لکيو آهي. ان ڳالهہ تي تاريخدان سهمت آهن تہ شاديءَ مهل مهرالنساءِ جي عمر سترنهن سال هئي.

1599ع ۾ شهنشاهہ اڪبر جڏهن سلطنت جي شهزادي سليم کي ميواڙ جي مهم لاءِ روانو ڪيو تہ علي قلي هن سان گڏ هو. باقي اهو پڪ سان نہ ٿو چئي سگهجي تہ مهرالنسا بہ علي قليءَ سان گڏ هئي يا نہ. انهيءَ

مهم ۾ علي قلي اڪيلو شينهن جو مقابلو ڪيو. ڪجهه تاريخدانن چواڻي ته هن خالي هٿين شينهن کي ماريو. جڏهن ته ڪن جو چوڻ آهي ته هن تلوار سان شينهن کي ماريو هو. بهرحال شهزادي سليم، علي قليءَ جي بهادري، دليري ۽ بيدپائيءَ جي ڪري کيس شيرافگن جو لقب ڏنو.

ڪن تاريخدانن مطابق ته هي واقعو شهزادي سليم جي بادشاهت ۽ تخت تي ويهڻ کانپوءِ ٿيو. شهزادي واري دور جي ڳالهه وڌيڪ اهميت واري آهي. ان کانپوءِ شهزادي سليم پنهنجي پيءُ اڪبر خلاف بغاوت ڪئي ته علي قلي شروع ۾ هن جو ساٿ ڏنو. پر پوءِ هو کيس ڇڏي اڪبر جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ هن کان معافي ورتائين. شهزادو سليم جڏهن تخت تي ويٺو ته علي قليءَ کي ڊپ هو ته هو کانئس بيوفائيءَ جو بدلو وٺندو. پر جهانگير نه فقط علي قليءَ کي معاف ڪيو، پر عهدو ۽ بنگال ۾ جاگير به ڏنائيس. علي قلي پنهنجي زال مهر النساءِ کي وٺي بردوان هليو ويو.

ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته علي قلي (شيرافگن) کي بنگال صوبي جو صوبيدر مقرر ڪيو ويو پر اهو صحيح ناهي. بنگال جي صوبيداري حقيقت ۾ شهنشاهه اڪبر پنهنجي سالي (مهاراڻي جوڌا ٻائي جي ڀاءُ ۽ جهانگير جي مامي) راجا مان سنگهه کي ڏني هئي. جنهن کي آڪٽوبر 1606ع تائين جهانگير پنهنجي تخت نشينيءَ تائين رکيو.

ڪن روايتن مطابق بنگال جي صوبيداري جهانگير پنهنجي مامي (راجه مان سنگهه) کي پنهنجي تخت نشينيءَ مهل ڏني هئي. شيرافگن کي بردوان پرسان جاگير ڏني وئي هئي، بنگال جي صوبيداري نه... پنهنجي وقت جي مشهور ولي شيخ سليم چشتي (جنهن جي دعائن سان شهزادو سليم (جهانگير) پيدا ٿيو هو) جو پٽ قطب الدين، جيڪو جهانگير جو ٿڃ شريڪ ڀاءُ به هو. آگسٽ 1602ع ۾ راجا مان سنگهه جو جانشين ٿيو هو ۽ کيس بنگال جو صوبيدار مقرر ڪيو ويو هو. پر اهو سن به غلط آهي. ڇو ته 1602ع ۾ راجا مان سنگهه نه فقط جيئرو هو، پر جهانگير جي تخت نشينيءَ وقت به جيئرو هو ۽ جهانگير پنهنجي مامي سان گڏ پنهنجي حسد سبب راجا مان سنگهه کان بنگال جي جاگير موٽائي ورتي .

تاريخدانن جو چوڻ آهي ته ويڙهه ڪرڻ شيرافگن جي خمير ۾ هئي. جنهن ڪري هو بنگال وڃي بادشاهه خلاف سازشن ۾ اچي ويو.

جڏهن تہ ڪجهہ روايتن مطابق هن، بادشاهہ جي باغين جي اڳواڻي ڪئي. جهانگير، قطب الدين کي حڪم ڏنو هو تہ هو بنگال وڃي ۽ شيرأفگن کي دربار ۾ وٺي اچي ۽ حڪم نہ مڃي تہ کيس سزا ڏني وڃي.

1607ع ۾ قطب الدين، بردوان پهتو ۽ شيرافگن کي ملڻ لاءِ گهرايو. ڪجهہ تاريخدانن طلبيءَ کي فقط ملڻ لکيو آهي. جڏهن تہ ڪن اهو مقصد گرفتاري لکيو آهي. 30 مارچ 1607ع تي شيرافگن فقط ٻن نوڪرن سان گڏ صوبيدار سان ملڻ آيو. جيئن ئي هو خيمي ويجهو پهتو، صوبيدار (قطب الدين) فوج کي حڪم ڏنو تہ هن کي گهيريو وڃي. شيرافگن خطرو محسوس ڪيو تہ هن جو رت ٽهڪڻ لڳو. هن کي محسوس ٿيو تہ هن سان دوکو ٿيو آهي. هن قطب الدين کان پڇيو تہ هي تو ڪيو آهي؟ جيو وڃي تو تہ قطب الدين اهو ٻڌائڻ لاءِ اڳتي وڌيو تہ شيرافگن، تلوار ڪڍي هن جي پيٽ ۾ هڻئي. هن جا آنڊا ٻاهر نڪري پيا. پر هن دلير شخص پنهنجي آندن کي هٿن سان سنڀاليندي پنهنجن ماڻهن کي حڪم ڏنو تہ شير افگن کي قتل ڪن. پر ان جي ضرورت نہ هئي. هڪ ڪشميري نوڪر اسبا خان، شيرافگن تي حملو ڪيو ۽ هو پاڻ بہ زخمي ٿيو. ان سان گڏ شيرافگن کي چئني پاسن کان گهيريو ويو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي هن جو رت ۾ ٻڏل لاش ٽڪرن ۾ خيمي جي فرش تي وکري ويو. شيرافگن مرڻ مهل بہ پنهنجو انتقام پورو ڪيو. اسبا خان انهيءَ مهل مري ويو ۽ قطب الدين چوويهہ ڪلاڪن اندر دم ڏنو. هڪ ٻي روايت مطابق قطب الدين انهيءَ مهل ئي الله کي پيارو ٿي ويو. اهڙيءَ طرح شيرافگن تي پهرئين حملي ڪندڙ جي نالي ۾ بہ اختلاف آهي. جهانگير هن کي اسبا خان ۽ معتمد خان هن کي پير خان، ۽ ڪامگار خان ان کي ايبڪ خان لکيو آهي. قطب الدين جي لاش بابت چيو وڃي ٿو تہ کيس فتح پور سيڪري آندو ويو ۽ ڪن چواڻي تہ کيس اتي دفنايو ويو. باقي شيرافگن جي لاش جا ٽڪرا بردوان ۾ دفن ڪيا ويا ۽ هن جي بيوہ مهرالنساءِ، هن جي لاڏلي ڌيءُ ۽ ٻين مائٽن کي سندس آخري ديدار بہ ڪرڻ نہ ڏنو ويو.

جهانگير، قطب الدين کي پيارو پٽ، پيارو ڀاءُ ۽ دلي دوست جهڙن لقبن سان سڏيندو هو. هن جي موت جو کيس ڏاڍو گهرو صدمو پهتو ۽ ڪجهہ روايتن مطابق هن کي پنهنجو ڏک ونڊڻ لاءِ لفظ نہ ٿي مليا. هن شيرافگن کي گارين ڏنيون ۽ هميشہ

جهنم ۾ سڙڻ جي بددعا ڏني.

شيرافگن جي بيوهه ۽ ڌيءُ کي دارالسلطنت موڪليو ويو. جت مرزا غياث بيگ، اعتمادالدولہ جي لقب سان دربار ۾ عهدي تي فائز هو. چيو وڃي ٿو تہ جهانگير، مهر النساءِ سان ملڻ کان انڪاري ٿيو ۽ يڪدم ملڪہ سليمہ جي صحبت ۾ موڪليو.

هڪروايت آهي تہ مهرالنساءِ لاڳيتو ڪوشش ڪندي رهي تہ ڪنهن طريقي سان محل ۾ پهچي، پر ناڪام رهي ۽ ٻي روايت آهي تہ ڇئن سالن کان هو ٻئي نہ مليا هئا ۽ مارچ 1611ع ۾ جهانگير اوچتو بهار جي مند جي مينا بازار ۾ يا ڪن روايتن مطابق شاهي دعوت ۾ ڏٺو ۽ هن تي موهجي ويو.

ٻنهي جي پهرين ملڻي جي حوالي سان ٽين روايت هن ريت آهي تہ مهرالنساءِ پنيان باغ ۾ گهمي رهي هئي. جهانگير پاڻ بہ ان وقت باغ ۾ بيٺو هو. هن کي ٻہ ڪبوتر ڏنا ۽ ڪنهن ڪم سان هليو ويو. ڪجهہ ديرڪانپوءِ هو آيو ۽ هن مهرالنساءِ کان پنهنجا ڪبوتر گهريا تہ مهرالنساءِ جي هٿ ۾ بن بدران هڪ ڪبوتر هو. هن اهو بادشاهہ آڏو ڪيو. جهانگير ڪانئس پڇيو تہ اسان توکي ٻہ ڪبوتر ڏنا هئا. هڪ ڪاڏي ويو؟ مهرالنساءِ چيو اڏري ويو. جهانگير ڪاوڙ مان چيو تہ ڪيئن؟ مهرالنساءِ هٿ کولي ٻيو ڪبوتر اڏائي ڇيو، "ائين!..." روايت آهي تہ جهانگير کي مهرالنساءِ جي اها ادا ايڏي تہ وڻي جو ان ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ سمجهيو. ڪجہ ليکڪن ۽ تاريخدانن انهيءَ واقعي کي شهزادي سليم سان ٻي هٽرادو ڪردار "انارڪلي" سان ٻڌايا آهن.

بهرحال مئي 1611ع ۾ جهانگير، مهرالنساءِ سان شادي ڪئي ۽ پنهنجي محل ۾ آندو. جڏهن 1613ع ۾ ملڪہ سليمہ بيگم گذاري وئي تہ محل ۾ نورجهان سان مقابلو ڪندڙ ڪا عورت نہ رهي.

تاريخدانن، جهانگير کي شيرافگن جي قتل کان وانجهو ڪرڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جو زور لاتو آهي، پر ڪنهن تاريخ ۾ پنهنجي مڙس جي قتل تي مهرالنساءِ جي رنج ۽ ڏک جو ذڪر ٿائين ناهي. اهو ئي سبب آهي جو تاريخ ۾ شڪ ظاهر ڪيو ويو آهي تہ شيرافگن جو قتل جهانگير جي مرضيءَ سان مهرالنساءِ جي چوڻ تي ڪيو ويو هجي. ان لاءِ روايت آهي تہ جهانگير شهزادي هئڻ واري دور کان وٺي مهر النساءِ تي عاشق هو، پر شهنشاهہ اڪبر ان شاديءَ کان انڪار ڪيو هو ۽ غياث بيگ کي راضي ڪيو هو تہ

شيرافگن سان مهرالنساءِ جي شادي ڪري ڇڏي. جهانگير بادشاهه ٿيو ته پنهنجي دشمن کي قتل ڪرايائين. مهرالنساءِ ڇئن سالن ڪان وٺي پنهنجي مڙس جي قاتل جا نياپا ٻڌي انڪار ڪندي رهي ۽ نيٺ راضي ٿي وئي. ٻئي پاسي اهو به چيو وڃي ٿو ته ڇئن سالن جو وقت ٻنهي جي مرضيءَ سان رکيو ويو هو، ته جيئن ماڻهن جي دلين مان اهو شڪ نڪري وڃي ته شيرافگن جي قتل ۾ هن جي زال يا جهانگير جو هٿ هو، يا اهو قتل ٻنهي جي عشق ڪري ٿيو هو.

جيڪي تاريخدان، جهانگير کي انهيءَ قتل مان آجو چون ٿا، انهن جو چوڻ آهي ته شيرافگن کي مارائڻ ۾ هن جو ٿورو به هٿ هجي ها ته هو پنهنجي تزڪ ۾ انهيءَ واقعي جو ذرو به ذڪر نه ڪري ها. پر هن شيرافگن جي مرڻ ۽ زندگيءَ جو تفصيل سان بيان ڪيو آهي. معتمد خان، شاهجهان جي وقت ۾ تزڪ جهانگيريءَ کي پورو ڪيو ۽ ڪامگار خان جي تاريخ شاهه جهان جي چوڻ تي لکي وئي. اهي ٻئي نورجهان جا دشمن هئا. انهن ٻنهي مان ڪنهن به نورجهان کي ڪنهن ڪا خاص الزام تراشي نه ڪئي آهي.

هنن جو چوڻ آهي ته انهيءَ وچ ۾ ڪيترائي پرڏيهي سياح هندستان آيا. انهن ۾ برطانيه جا به هئا. انهن مان هڪ جهانگير کي شهزادي هئڻ واري وقت ۾ پنهنجي ماٽيلي ماءُ سان غلط لاڳاپن ۽ مهرالنساءِ کي پنهنجي ماٽيلي پٽ شهزادي خرم (شاهجهان) سان قتل هئڻ جو ذڪر ڪيو آهي. انهن مان ڪنهن به مهرالنساءِ يا جهانگير کي شيرافگن جو قاتل نه چيو آهي. ايسٽ انڊيا ڪمپني جي هڪ نوڪر، لنڊن ۾ پنهنجي مالڪن کي هڪ خط ڪليو ته بادشاهه (جهانگير) هڪ عورت مهرالنساءِ کي ڪريل خاندان مان ڪڍي مان متاهون ڪيو. هندستان جي الهندي ڪنارن ۽ انهن سان ڳنڍيل علائقن جو دورو ڪندڙ انگريز سياح پيٽرول ڊيلاويل، مهرالنساءِ بابت گهڻو ڪجهه ٻڌو، پر عجيب ڳالهه ته هن کي سندس شاديءَ بابت ڪا ڄاڻ نه ملي سگهي. هو لکي ٿو ته "ملڪ (مهرالنساءِ) هندستان ۾ ڄائي، پر ايراني نسل مان آهي. (هڪ ايراني ڇوڪري، جيڪا هجرت ڪري هندستان آئي) هن جي شادي هڪ ايراني فوجي ڪمانڊر سان ٿي، جيڪو به مغلن جو نوڪر هو، پر پنهنجي مڙس جي گذاري وڃڻ ڪري هن کي سنو وجهه مليو. جيئن ٻين سهڻين نوجوان بيواهن کي ملندو آهي. مونکي خبر ناهي، شهزادي سليم هن کي

ڪٿان ڏٺو ۽ عاشق ٿيو."

ڊيلاويل وڏيڪ لکيل تہ "هو (جهانگير) هن (مهرالنساءِ) کي پنهنجي محل ۾ وٺي ويو هوندو ۽ هن کي ٻين عورتن جيان رکڻ چاهيو هوندائين. پر هڪ چالاڪ ۽ خوصلي واري عورت، بادشاھ کي ديانتداريءَ سان چيو ۽ هن جي حرم ۾ وڃڻ کان انڪار ڪيو. اهو چئي تہ هوءَ هڪ باعزت ڪمانڊر جي گهر واري آهي ۽ عزت واري پيءُ جي ڌيءُ آهي. ان لاءِ پنهنجي عزت تي ڪڏهن حرف اچڻ نہ ڏيندي. شاهي حرم ۾ ٻانهن جيان رهڻ هن جي شان وٽان نہ هو. جيڪڏهن بادشاھ کي هن سان لڳاءُ آهي تہ ساڻس شادي ڪري. انهيءَ شرط تي هو حاضر آهي. شاھ سليم هن جي مغروري ۽ وڏائيءَ تي ڏمريو ۽ هن کي ذليل و خوار ڪرڻ لاءِ گهٽ ذات واري ماڻهوءَ حوالي ڪيو. پر هوءَ عورت پنهنجي عزم تي قائم رهي.

بادشاھ جي دل ۾ سندس لاءِ محبت پيدا ٿي. ڪجھ ماڻهن چواڻي تہ ان لاءِ جادوءَ وسيلي ڪم ڪيو ويو. آخرڪار بادشاھ انهيءَ سندر عورت کي پنهنجي زال بڻايو.

ان ڪانسواءِ ايڊورڊ ٽيري ۽ سر ٿامس رو بہ پنهنجي سفرنامي ۾ جهانگير ۽ مهرالنساءِ جي شاديءَ جو ذڪر ڪيو آهي. پر ٻنهي مان ڪنهن بہ شيرافگن جي موت بابت ٻنهي يا ڪنهن بہ هڪ لاءِ ناهي چيو.

چيو وڃي ٿو تہ شروع ۾ جهانگير، مهرالنساءِ جي شاديءَ کي عشق جو نتيجو ناهي چيو ويو. ٿي سگهي ٿو ان جو سبب مغل بادشاهن جو ڊپ هجي. پر ارڙهين صديءَ جي شروع ۾ انهيءَ قصي کي باقاعده محبت واري ڪهاڻيءَ جو روپ ڏنو ويو، جيڪو ايڏو تہ مشهور ٿيو جو اصل حقيقت وقت جي دز ۾ لٽجي وئي.

شاديءَ جي ٻن مهينن ۾ جهانگير جولاءِ 1611ع ۾ مهرالنساءِ کي نورمحل ۽ ساڍن ڇئن سالن کان پوءِ 1616ع ۾ نورجهان جو لقب ڏنو.

آخري لقب ايترو تہ مشهور ٿيو جو مهرالنساءِ جو اصل نالو ۽ پهريون لقب هاڻ ڪنهن کي ياد ناهي رهيو.

پنهنجي ٻي شاديءَ مهل مهرالنساءِ، جيئن تہ عام طرح هن کي چئبو هو، پنهنجو حسن ۽ سندرتا قائم رکي هئي. قدرت طرفان عطا ڪيل ڪا سونهن سوپيا هن ۾ گهٽ نہ هئي. ايران جي بي حساب سونهن ۽ هن جا نرم نازڪ مهاندا. خوش مزاجي ۽ دلڪشيءَ ۾ تہ وڌ هئي. مصورن هن

جا نرم نازڪ، دلڪش مهانڊا اينڊڙ نسلن لاءِ محفوظ ڪري ۾ سڀ صلاحيتون ڪتب آنديون. هن جو نانءُ ايندي ئي نازڪ گول چهرو، ويڪري پيشاني، وڏيون وڏيون نيريون اکيون ۽ سنها چپ سامهون اچي ٿا وڃن. هن جي صحت سدائين سٺي رهي. هوءَ گهوڙي تي سوار ٿي حڪومت ۽ شڪار ڪندي هئي ۽ نشاني جي پڪي هئي.

تاريخ مطابق قدرت هن کي عقل ۽ ذهانت عطا ڪئي هئي ۽ فطري صلاحيتن ڪيس اجا وڏيڪ شعور ڏنو هو. فارسي ادب ۾ کيس ڪمال حاصل هو. هوءَ صاف ۽ رواني؛ سان شعر چوندي هئي. جنهن ڪري سندس شهرت ۾ اجا به واڌارو ٿيو. "مرات الخيال" جي ليکڪ مطابق شعر چوڻ ۽ حاضر جوابيءَ ۾ هن جو ڪو ثاني نه هو.

بزم تيموريه" ۾ آهي ته نورجهان في البديهه شعر چوندي هئي يا مصرعن ۾ واڌارو ڪندي هئي. انهيءَ فن ۾ کيس ڪمال حاصل هو. هڪ ڏينهن جهانگير لباس بدليو.جنهن جو نالو" لعل بي بها" هو. نورجهان هن کي ڏسي شعر پڙهيو:

ترانه تڪمهٔ لعل است برقبائيءِ حرير

شده است قطرهء خون منت گريبان گير.

هڪ دفعي جهانگير عيد جو چنڊ ڏسي هي مصرع چيو:

هلال عيد براوج فلڪ هويدا شد

ان تي نورجهان يڪدم چيو.

ڪليد ميڪده گم گشته بود پيدا شد

"مفتاح التواريخ " ۾ سرٽامس وليم بيل نورجهان جي في البديه شعر چوڻ جا ڪيترائي ئي مثال ڏنا آهن.

تاريخ ۾ آهي ته نورجهان جو جمالياتي ذوق بيحد بلند هو ۽ جن حسناڪين ۽ صلاحيتن ڪري حسن لطيف جي شان ۾ واڌارو ٿئي ٿو. اهي هن ۾ بدرجه اتم موجود هيون.

سلطان سليمه بيگم جي گذاري وڃڻ تي کيس بادشاهه بيگم، سلطنت جي خاتونِ اول ۽ ملڪ محل جو رتبو ڏنو . هن پوشاڪ ۽ سينگار تي يڪدم ڌيان ڏنو. هن اردوزي، زريفت ۽ قالين جا ڪيترائي نمونا ٺاهيا. هڪ خاص قسم جو زريفت، جيڪو نورمحل چورائيندو هو، ان جو سڄو جوڙو (گهوٽ ڪنوار لاءِ) پنجويهه روپين ۾ تيار ٿيندو هو. جيڪو اجا تائين مشهور آهي. زيورن جي نمونن لاءِ، ڪمرن جي سينگار لاءِ

۽ دعوتن لاءِ نوان طريقا ايجاد ڪيا. هڪ صديءَ ڪانپوءِ خافي خان لکيو ته نورجهان جو ايجاد ڪيل فيشن اڄ به معاشري جي زينت بڻيل آهي ۽ پرانو فيشن فقط افغانن ۽ غريب علائقن ۾ وڃي بچيو آهي. خافي خان هڪ ٻيو اهم واقعو به بيان ڪيو آهي ته هڪ دفعو جهانگير پرڏيهي نفيس ڪپڙي جو نمونو ڏٺو. جيڪو چمڪندڙ گلن ۽ شوخ رنگ جي پرت سان پريل هو. بادشاهه، بورچيءَ ڪان پڇيو، "هي ڪيترن پئسن ۾ تيار ٿيو آهي؟" بورچيءَ ٻڌايو ته ڪيس اهو سندس محل مان مليو آهي. جهانگير، نورجهان ڪان پڇيو ته ان ڪپڙي تي ڪيترو خرچ ٿيو آهي؟ نورجهان چيو ته هن اهو سڄو اميرن ۽ وزيرن ۽ درٻارين ڏانهن ايندڙ خطن جي ٿيلهي مان تيار ڪيو آهي.

هن جي دل سخي ۽ نوازيندڙ هئي. جهانگير سان هن کي بيحد محبت هئي. ان ڪانپوءِ سڄو ڌيان خدا جي مخلوق تي ڏيندي هئي. محمد هادي لکي ٿو ته هوءَ مظلوم ۽ بي سهارا ڇوڪرين لاءِ پناهگاهه هئي. ڪنهن مظلوم جو حال ٻڌي هوءَ پنهنجي سڄي ڪوشش ان جي مدد ڪرڻ ۾ لڳائيندي هئي. ڪنهن يتيم جو حال ٻڌي ڪڏهن هن ائين نه ڪيو جو ان جي شاديءَ جي خرچ ۾ مدد نه ڪئي هجي.

پنهنجي سورنهن سالن جي حڪومتي دور ۾ هن اٺ سؤ ڇوڪرين جي شادي ۽ ڏاج جو خرچ پريو ۽ ٻين خيراتن جو تعداد ڳڻڻ کان ٻاهر آهي. هن جي زندگي ڪيترين خاصيتن جو مجموعو آهي. فيشن جي شوقين هيءَ راڻي جڏهن شهزادي خسرو جي دوست ۽ خيرخواه هئي ته شهزادي کي اعليٰ درجي تائين رسايائين ۽ سندس دشمن ٿي ته ڪيس خاڪ ۾ ملائي ڇڏيائين.

جڏهن هن جي هٿ ۾ اقتدار هو، هن هر شيءِ تي حڪومت ڪئي ۽ جڏهن اقتدار نه رهيو ته مذهبي رنگ ۾ رنگجي عملي زندگيءَ کان پاسيري ٿي وئي. هن جي سيرت سان اهو نهڪندڙ هو. هوءَ سخت جاه طلب هئي ۽ هن کي پنهنجي ذهانت ۽ عقل کي ڪتب آڻڻ جا سڀ طريقا ايندا هئا ۽ هميشه پرجوش رهڻ ۾ خوشي محسوس ڪندي هئي. سندس اهو خيال هوندو آهي ته سڄو اختيار هنن جي هٿ ۾ هجي.

نورجهان جي خاص ڳالهه اها هئي ته هوءَ هر ڳالهه سمجهي ويندي هئي ۽ ڳالهه جي تهه تائين پهچي ويندي هئي. هن جي دشمنن کي به اعتراف هو ته هن جو هٿ لڳندي ئي هر مشڪل سولي ٿي پوندي هئي.

پاڻ آصف خان، هن جي پائٽيءَ جو مڙس (شهزادو خرم، شاهجهان) به هن جي گهڻي مدد ڪندو هو. شهزادي خرم جي پهرين شادي مظفر حسين مرزا صفويءَ جي ڌيءُ سان ٿيل هئي. هو به پنهنجي پيءُ جيان مينا بازار ۾ ارجمند بانو (نورجهان جي پائٽي) جي عشق ۾ قابو ٿي ويو هو ۽ هن سان شاديءَ جو خواهشمند ٿيو.

پاڻ نورجهان هن جي شاديءَ ۾ دلچسپي ورتي. اپريل 1612ع ۾ اها شادي انجام تي پهتي. جهانگير پاڻ پنهنجي پٽ جي ڄڃ وٺي آصف خان جي محل پهتو ۽ هڪ ڏينهن اتي ترسيو.

ارجمند بانو نهايت سندر هئڻ سان گڏ مخلص ۽ فراخدل به هئي. هن جو مرڪنڊڙ چهرو ڪڏهن به ڪاوڙيل نه هوندو هو.

مصيبت ۾ به صبر شڪر واري هن ڇوڪريءَ تي پنهنجي ور جي فرض جو تمام گهڻو اونو هوندو هو. هن پنهنجو بدن نه پر پنهنجي دل ۽ دماغ پنهنجي ور جي حوالي ڪيا هئا.

ور به ڪيس ايتري محبت ڏني، جيڪا اڄ تائين ڪنهن زال کي نصيب ناهي ٿي. سنگمرمر جو نهيل (جنهن کي تاج محل) چئجي ٿو. انهن ٻنهي جي لازوال محبت جو يادگار

اهي. نورجهان اها شادي پنهنجي اقتدار کي مضبوط ڪرائڻ لاءِ ڪرائي هئي. انهيءَ شاديءَ کي سياسي شادي چئجي ٿو. پر اڳتي هلي اها نه فقط نورجهان لاءِ آزار بڻي، پر ان مغل سلطنت کيٌ ائين اڌوهيءَ جيان ڪاٽو، جو ٻن نسلن ڪانپوءِ حڪومت ڪمزور ٿي وئي. شروع ۾ شهزادو خرم، نورجهان جي من پسند ماڻهن مان هو. پر هڪ وقت اهڙو به آيو جو تخت ۽ تاج جي جنگ اهڙي ته وڌي ۽ وڌي ڪري ڇڏي جو پڦي ۽ پائيٽيءَ جو رشتو نالي ماتر رهجي ويو. انهن بحرانن هوندي به اوير ۽ اولهه جا تبصرو ڪندڙ ۽ تاريخدان انهيءَ امر تي سهمت آهن ته پنهنجي دور ۾ نورجهان سلطنت تي پوريءَ طرح ڇانيل هئي. ڪڏهن ڪڏهن درٻءَ ۾ ويهي حڪم هلائيندي هئي ۽ سفيرن جي آجيان ڪندي هئي. هوءَ جيڪڏهن ڪنهن عهدي تي هجي ها ته پنهنجي جاگير جي لحاظ کان ٽيهه هزاري منصب جي عهدي تي هجي ها.

هڪ تاريخدان لکيو آهي ته "جهانگير، نورجهان سان شادي ڪري هن جو قيدي ٿي ويو. بادشاهه هو آهي، پر حڪومت هن جي زال ڪري ٿي. پنهنجي نالي جو سڪو هلائي ٿي. جيڪو چاهي ٿي، ناهي ٿي. جيئن

چاهي، ائين ڪري ٿي. جنهن کي چاهي، بادشاهه جي نظرن ۾ ڪيرائي ٿي ۽ جنهن کي چاهي، سرخرو ڪري ٿي."

تاريخدان ان تي به سهمت آهن ته جيڪو عروج نورجهان کي نصيب ٿيو، اهو هندستان جي تاريخ ۾ ڪنهن عورت کي نصيب نه ٿيو. هن هڪ سمجهدار سياستدان جيان اهڙو گروهه ٺاهيو، جيڪو اقتدار ۾ هن جو حامي هو.

تاريخدانن، نورجهان جي سورنهن سالن کي ٻن حصن ۾ ورهايو آهي. پهريون دور 1611ع کان 1623ع تائين ۽ ٻيو دور 1623ع کان 1627ع تائين آهي.

پهريون دور جهانگير پنهنجي لاڏلي زال جو حامي هو. نورجهان کي پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ شهزادي خرم جي به هٿي مليل هئي. ٻئي دور ۾ جهانگير مريض ٿي ويو هو. هن جا ماءُ پيءُ گذاري ويا هئا. خرم باغي شهزادي جي روپ ۾ سامهون آيو. نورجهان حالتن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ اڪيلي رهجي وئي. اهو ئي دور هو، جڏهن ملڪ ۾ قتل ۽ سازشن زور ورتو ۽ نورجهان کي محل جون آسائشون ڇڏي پنهنجي مڙس ۽ ان جي سلطنت لاءِ تلوار کڻڻي پئي.

اهي آثار 1618ع ۾ ظاهر ٿيڻ شروع ٿيا. 1623ع ۾ اهو وقت آيو جو نورجهان جي اقتدار ۾ نه فقط ڏار پئجي ويا، پر ائين محسوس ٿيڻ لڳو،جڻ سڄي مغل بادشاهت هڪ پاسي هجي ۽ نورجهان حالتن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ اڪيلي رهجي وئي هجي.

1618ع ۾ جهانگير گجرات ويو ته اتان انفلوئنزا کڻي آيو. جنهن هوريان هوريان دمي جي شڪل اختيار ڪئي. اڳيان پنج سال هن عذاب ۾ گذاريا. هر طرح جو علاج ڪيو ويو. ڪيترا دفعا هو ڪشمير جهڙي سرسبز علائقي ۾ سير لاءِ ويو، ته جيئن سندس صحت سڌري، پر ڪو خاص فرق نه آيو. نورجهان جي خدمت گذاريءَ ڪيس بچائي ورتو، پر فقط هن جو دم بچيو هو. هن هوريان هوريان جهانگير جي شراب پيئڻ گهٽ ڪرائي ڇڏيو. ڪاڏي جو پرهيز ڪرايو ۽ مناسب دوائن کائڻ تي زور ڏنو. هو صحيح ٿي ويو، پر ڪمزور هو.

1623ع ۾ حالت اها ٿي وئي جو جهانگير پنهنجي روز جي معمول مطابق لکڻ جهڙو به نه رهيو ۽ اهو ڪم معتمد خان جي حوالي ڪيو. حڪومت جو انتظام نورجهان حوالي

ٿيو .

نورجهان پهرين بہ بااختيار هئي. هاڻ هن سچي اقتدار تي قبضو ڪري ورتو. هوءَ ان ذميداريءَ ڪري بلڪل پريشان نہ هئي. هن کي پريشاني اها هئي تہ هن جو حاڪماڻو مزاج ڪنهن جي اقتدار ۾ دخل اندازي برداشت نہ ڪري سگهندو هو. مڙس پهرين هن کان پري هو. هاڻ تہ ان جي دخل اندازيءَ جو سوال پيدا نہ ٿي ٿيو. اصل مسئلو شهزادي خرم جو هو، جيڪو تخت تاج جو اميدوار هو.

سيني کي اهو سيڪاريو ويو هو تہ ڪيس صرف هڪ شهزادو سمجهيو وڃي. ڪيترا صوبيدار، فوجي ڪمانڊر، فوجي وفد هن جي اثر هيٺ هئا. نورجهان گهڻو وقت هن جي ويجهو رهي هئي. هن کي خبر هئي تہ مستقبل جو بادشاهہ مغرور، طاقتور ۽ جاه و جلال وارو هو. هو جهانگير جهڙي ڪمزور بادشاهہ کان بلڪل مختلف هو ۽ پنهنجي معاملن ۾ ڪنهن جي بہ دخل اندازي برداشت نہ ڪندو. حڪومت ۽ اقتدار جون صلاحيتون هن ۾ اڻ ڳڻيون هيون. اهڙي سلطنت ۾ نورجهان جهڙي حڪم هلائيندڙ ۽ شهزادي خرم جهڙي شخصيتن جو گڏ رهڻ ممڪن نہ هو.

هاڻ نورجهان جي سامهون بہ رستا هئا. هڪ تہ اقتدار کان پاسيري ٿي وڃي. جيئن تہ هوءَ باغي عورت هئي، ان لاءِ هن ٻيو رستو چونڊيو ۽ پنهنجي مڙس جي وارث لاءِ سيني کان ننڍي شهزادي شهريار کي چونڊيو. جنهن ۾ ڪا اهڙي خاص وصف نہ هئي جو جهانگير ڪيس خرم تي ترجيح ڏي ها. نورجهان پنهنجي ڌيءُ لاڏلي بيگم جي شادي هن سان ڪري ڇڏي. ان وچ ۾ نورجهان جي ماءُ ۽ پوءِ پيءُ گذاري ويا. اعتماد الدولہ جا سڀ اعزاز ۽ اختيار نورجهان کي ڏنا ويا. پوءِ بہ هوءَ ايڏي مضبوط نہ ٿي سگهي، جيئن پيءُ جي وقت هوندي هئي.

هن جو پيءُ جيئرو هجي ها تہ شايد تخت جي جنگ ۾ نورجهان جو ساٿ ڏئي ها. پر جڏهن نورجهان پنهنجي نائيءَ جي تخت ۽ تاج جي حق ۾ مهم شروع ڪئي، تہ هن جي ڀاءُ آصف خان پنهنجي نائي خرم جو ساٿ ڏنو. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو نورجهان ۽ خرم هڪ ٻئي جا جاني دشمن بڻجي ويا. آصف خان تي ڪو حرف نہ آيو، ڇو تہ خرم جي طرفداري هن لڪي ڇپي ڪئي پئي ۽ پنهنجي شاطرانہ چالن ذريعي ڀنهي کي مطمئن ڪندو رهيو. دل سان هو پنهنجي نائيءَ

سان گڏ هو ۽ پنهنجي پيٽ جي نانيءَ جي عروج جو مخالف هو.هو پنهنجا خيال دل ۾ رکندو هو.تہ جيئن اقتدار تي وينل کيس نقصان نہ پهچائين. هو ظاهري طرح راڻي ۽ بادشاهہ جو حامي رهيو. پر راڻيءَ جي حاڪماڻي فطرت کي چوٽ رسائڻ وارو خيال هن دل ۾ محفوظ ڪري ڇڏيو هو.

هڪ پاسي نورجهان پنهنجي تخت تاج بچائڻ ۾ پوري هئي تہ ٻئي پاسي شهزادو خرم ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشان هو. نورجهان چاهيو پئي تہ خرم آگري کان پري رهي تہ جيئن هن جي غير حاضريءَ ڪري هوءَ پاڻ کي گهڻو مضبوط ڪري سگهي. شهنشاهہ انهيءَ لائق هو تہ زباني حڪم ڏئي سگهي. جنهن ڪري هن نورجهان جي چوڻ تي شهزادي خرم کي دکن جي فوجي مهم تي موڪليو. خرم انهيءَ چالاڪيءَ کي سمجهي ويو. هو ويندي ويندي پنهنجي وڏي ڀاءُ خسروءَ کي ساڻ وٺي ويو. جيڪو ڪنهن بہ پل هن جي تخت ۽ تاج جي وچ ۾ اچي سگهيو ٿي.

اتي هن خسرو کي گهڻو ڏئي ماري ڇڏيو. هن پنهنجي پر ۾ تخت جو هڪ ٻيو دعويدار گهٽ ڪري ڇڏيو. تاريخ ۾ آهي تہ خسرو، تخت جي جنگ ۾ مقتول هئڻ وارو پهريون مغل شهزادو آهي. جهانگير کي پنهنجي پٽ جي موت جو ڏاڍو گهڻو صدمو رسيو. پر هو هاڻ انهيءَ لائق نہ هو جو خرم کي سخت سزا ڏئي سگهي.

دکن مان ڪاميابيءَ ڪانپوءِ

خرم هڪ دفعو ٻيهر نورجهان جي حواسن تي سوار هو. هن ڀيري هن خرم کي بلڪل تباهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. قنڌار کي ايرانين فتح ڪري ورتو هو. نورجهان منصوبو ٺاهيو تہ خرم کي سلطنت جي ڪمانڊر جي حيثيت سان قنڌار وڃڻ جو حڪم ڏجي تہ هو نہ فقط تخت ۽ تاج کان پري ٿي ويندو، پر هڪ اهڙي مهم ۾ بہ ڦاسي ويندو، جيڪا تقريبن مايوس ڪن هئي. ڏکي وقت جي جنگ ڪري خرم جو مان ۽ مشهوري بہ برباد ٿي ويندي ۽ حڪم نہ مڃيندو تہ گستاخ ۽ باغي سڏبو. بغاوت ڪرڻ تي کيس هميشہ لاءِ چيپاٽيو ويندو. شهزادو خرم ظاهري طرح شاهي حڪم جي پورائي لاءِ برهان پور مان روانو ٿي ويو. پر مينهن جي مند ختم ٿيڻ تائين مانڊو کان اڳتي وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائين. تاريخدانن انهيءَ حڪم کي مڃڻ کان انڪار ڪرڻ جو ڪو سبب ناهي لکيو. پر حالتن مان چڱيءَ طرح

اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ خرم ائين چو ڪيو. هن نہ فقط اڳتي وڃڻ کان انڪار ڪيو، پر هڪ وڏي فوج ۾ پنجاب تي پوريءَ طرح اقتدار جو مطالبو ڪيو. هو جهانگير جي صحت کان پوريءَ طرح باخبر هو ۽ چاهيندو هو تہ جهانگير هن جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو تہ نورجهان بنا هٻڪ جي شهريار جي بادشاهت جو اعلان ڪندي. ائين فوج جو گهڻو تعداد هن سان گڏ هوندو تہ هن کي پنهنجي حق جي حاصل ڪرڻ لاءِ سولائي ٿيندي. ٻئي پاسي ڪابل جو گورنر مهابت خان هو، جيڪو پهريائين جهانگير کي نورجهان جي جادوءَ کان پري رهڻ لاءِ چئي ڪري سلطنت کان سزا طور پري موڪليو ويو هو. خرم کي پڪ هئي تہ نورجهان سان مقابلي مهل مهابت خان هن جو ساٿ ڏيندو. خرم حالتن جو تجزيو ڪرڻ مهل نهايت احتياط ۽ هوش سان ڪم ورتو. پر هو نورجهان کي دوکو نہ ڏئي سگهيو. هن پنهنجي مڙس کي اهو ذهن نشين ڪرايو تہ خرم جا خيال باغي آهن ۽ هن شهزادي کي نياپو موڪليو تہ جيئن هو مينهن جي مند کانپوءِ هو قنڌار ويندو، جنهنڪري هن سان گڏ جيڪا فوج آهي، ان کي دربار اماڻيو وڃي.

خرم انهيءَ حڪم کان وائڙو ٿي ويو ۽ دل ئي دل ۾ نورجهان جي چالاڪيءَ کي ساراهيائين.

انهيءَ وقت اهڙو واقعو پيش آيو، جيڪو نورجهان سان سنئون سڌو تعلق رکندو هو. ان ۾ شهزادو خرم پاڻ بہ هو. ان لاءِ جهانگير جي دل ۾ هن جو قدر اجا بہ گهٽجي ويو. خرم ڪجهہ ڏينهن اڳ ڌول پور جو پرڳڻو پنهنجي جاگير ۾ ڏيڻ لاءِ چيو هو. هن کي پنهنجي ڪاميابيءَ جي پڪ هئي. هن پنهنجو هڪ فوجي دستو ڪجهہ ننڍين فوجين سان ڌول پور روانيو ڪيو هو،تہ جيئن جاگير جو قبضو وٺي سگهي. ان کان اڳ هو پهچن، نورجهان اهو پرڳڻو پنهنجي نائي شهريار لاءِ حاصل ڪري ورتو. شهريار جا نوڪر اڳ ۾ ئي اتي موجود هئا. خرم ۽ شهريار جي فوجن ۾ پرڳڻو حاصل ڪرڻ لاءِ چتي ويڙهہ ٿي جنهن ۾ ٻيا بہ ڪيترائي ماڻهو مارجي ويا. نورجهان چالاڪيءَ سان اهو واقعو پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ۽ جهانگير کي ٻڌايو تہ هن جيڪي نوازشون خرم کي ڏنيون هيون، هو انهن جو اهل نہ هو. هن دفعي هن کي شاهي دربار مان خط لکيو ويو تہ آئنده هوش ۾ ادب وارو

رستو اختيار ڪري. ڪيس دربار ۾ اچڻ کان سختيءَ سان جهليو ويو ۽ تاڪيد ڪئي وئي ته آفيسرن ۽ نوجوانن کي جلدي موڪلي.

ان جي ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ هڪ ٻئي حڪم ذريعي خرم جي بدران فقط شهريار کي قنڌار جي مهم ڏني وئي، پر ٻئي ڪاروائي اها ڪئي وئي جو خرم جي ڏکڻ وار جاگير به هن کي ڏني وئي. خرم کي چيو ويو ته هو ان جي برابر جاگير دکن ۾ چوندي وٺي. حصار جي جاگير هميشه سلطنت جي ولي عهد شهزادي لاءِ مخصوص هئي. پر اها جاگير به شهريار کي ڏني وئي. خرم حالتن جو رخ ڏسي ڊڄي ويو. پنهنجو خاص ماڻهو موڪلي معافي گهري. پر نورجهان جي مخالفت ڪري اها ڪوشش بيڪار وئي.

خرم چئني پاسن کان مجبور ٿي بغاوت جو اعلان ڪيو. تاريخدان چون ٿا ته اها فقط نورجهان جي ضد ۽ عداوت هئي، جنهنڪري مغل سلطنت گهرو ويڙهه جو شڪار ٿي. خرم شاهي فوج سان ويڙهه شروع ڪئي ته ڪابل مان مهابت خان کي گهرائي هن پٺيان موڪليو ويو.

آخر ڪار خرم پنهنجي شڪست مڃي ۽ سالن جا سال هندستان ۾ رلندو رهيو. نورجهان ان تي ڏاڍي خوش هئي. هاڻ ڪيس هڪ ٻي پريشاني هئي. خرم جي مقابلي ۾ مهابت خان، شاهي فوج کي فتح ڏياري هئي، ان لاءِ ان جي طاقت ۾ واڌارو ٿي ويو هو . نورجهان کي خبر هئي ته مهابت خان سندس هڪ عورت جي حيثيت ۾ سلطنت تي قابض هئڻ جو ڪٽر مخالف هو. سو ڪنهن به وقت خطرو بنجي سگهي ٿو.

ٻئي پاسي خرم هڪ دفعو ٻيهر پنهنجي ٻيوسي، لاچاري ۽ مجبوري پنهنجي پيءُ کي خط ۾ لکي، معافي گهري.

نورجهان مارچ 1626ع ۾ بادشاهه طرفان خرم کي جواب ڏنو ته هو پنهنجي قبضي هيٺ سيني شاهي قلعن تان هٿ کڻي ۽ پنهنجن ٻن پٽن، دارا شڪوه ۽ اورنگزيب کي ضمانت طور موڪلي، جيئن ٻيهر اهڙو قدم نه کڻڻ جي خاطري ٿي سگهي. خرم حالتن جو ستايل هو. بنا ڪجهه چوڻ جي سڀ شرط قبوليائين ۽ ائين مغل سلطنت ٽن سالن ڪانپوءِ امن امان جو منهن ڏٺو. انهيءَ وچ ۾ شاهي امن ۽ فائدن کي ايڏو ته نقصان پهتو هو جو ان جي تلافي ناممڪن هئي. نورجهان کي شهزادي خرم خلاف جيڪا

ڪاميابي ملي، ان سان ڪيس پنهنجي مدبراڻين صلاحيتن ۽ تنظيمي قابليت جو پڪو ويساهه ويهي ويو.

تاريخدانن مطابق هن جو رويو اڃا هيٺيلو ۽ مغرور ٿي ويو. ان عمل جو مقصد اهو هو جو پنهنجي بيڪار ڇاٽي شهريار لاءِ تخت ۽ تاج لاءِ رستو هموار ڪري. نورجهان جون مشڪلون اڃا پوريون نه ٿيون هيون. خرم خلاف سيني شاهي مهمن جو نگران جهانگير جو ڇوٽون پٽ شهزادو پرويز هو. اهو اصل ۾ فوجن جو نالي ماتر نگران هو. اصل ڪم مهابت خان جي هٿ هو. انهيءَ ڏکهي دوستيءَ بنهي وچ ۾ خيالن ۽ سوچن جي هڪجهڙائيءَ تائين پهچايو.

خرم جو خطرو پورو ٿيو ته ٻيو خطرو اٿيو. هاڻ هوءَ بنهي کان جان ڇڏائڻ لاءِ سوچڻ لڳي. هيءُ اهو مرحلو هو جو آصف خان، پيڻ جو ساٿ ڏنو. خرم سان صلح جي خبر هن کي پهرئين کان هئي. شاهي حڪم ذريعي 1625ع ۾ مهابت خان کان فوجن جي نگران جو عهدو وٺي ڪيس بنگال جو صوبيدار مقرر ڪيو ويو ۽ شهزادي پرويز کي برهانپور رهڻ جو حڪم ڏنو ويو. ان سان گڏ مهابت خان تي شاهي امانتن ۾ خيانت جو الزام لڳائي حساب ڪتاب گهريو ويو. هو اهو چاهيندو هو ته نورجهان ۽ آصف خان ڪيس خاڪ ۾ ملائي ڇڏيندا، پر اهڙو انسان نه هو،جو پنهنجي ذلت برداشت ڪري. هن هزارين راجپوتن کان وفاداريءَ جو حلف ورتو ۽ پوري تياريءَ سان دربار روانو ٿيو. ٻئي پاسي سيپٽمبر 1625ع ۾ جهانگير، ڪشمير مان روانو ٿي 12 آڪٽوبر 1625ع ۾ لاهور پهتو ۽ مهابت خان 1626ع ۾ ڪابل لاءِ روانو ٿيو.

مهابت خان جڏهن شاهي دربار ويجهو پهتو، ان مهل جهانگير جهلم درياهه ڪناري ترسيل هو. راجپوتن سان گڏ مهابت خان جي اچڻ تي شاهي دربار ۾ ترٿلو مچي ويو. جو ته ڪيس ان مهل بنگال ۾ هئڻ گهربو هو. ان مهل ڪيس 'دربار ۾ اچڻ تي جهليو ويو. جيئن اصولي طرح موڪل وٺي. پر مهابت خان دعوت جو انتظار ڪرڻ ڪانسواءِ بادشاهه کي حراست ۾ وٺڻ جو جرئتمنداڻو فيصلو ڪيو. شاهي فوج، مهابت خان جي ظاهر ٿيڻ ڪانپوءِ ڪابل وڃڻ لاءِ درياهه پار ڪرڻ شروع ڪيو. سڀ آفيسر، نوڪر، هٿيار ۽ خزانو حفاظت سان درياهه پار جهلم جي پل جي ڪري ٿي ويو. فقط جهانگير ۽ سندس ڪٽنب ۽ ڪجهه

نوڪر ٻئي صبح درياھ پار ڪرڻ لاءِ رهجي ويا. پر ان جو وارو نہ آيو. مهابت خان صبح جو سڀ کان پهرين پل تي قبضو ڪري ورتو ۽ رستو بند ڪري ڇڏيو.

شاهي خيمن جو گهيرو ڪري جهانگير کي باقاعده قيدي بنايو ويو. مهابت خان کي خبر هئي تہ بادشاھ کي نقصان پهچڻ جي صورت ۾ مغل سپاهي حالتن جي پرواھ ڪرڻ بنا هن جي ٻوٽي ٻوٽي ڪري ڇڏيندا. ان لاءِ هن پنهنجي قيديءَ کي چيو، "حضور! شڪار لاءِ هلو. غلام توهان سان گڏ هوندو ۽ ظاهر اهو ٿيندو تہ اهو جرئت وارو فيصلو پاڻ حضور جي حڪم سان ئي ٿيو آهي." بادشاھ لاءِ انڪار ممڪن نہ هو. پوءِ بہ هن خيمي ۾ وڃي ڪپڙا پائڻ جي موڪل گهري. پر حقيقت ۾ نورجهان جي حاضر دماغيءَ کان ڪم وٺڻ چاهيو پئي. مهابت خان ڪيس سختيءَ سان جهليو ۽ پنهنجي لشڪرگاھ ۾ وٺي آيو. جڏهن مهابت خان، بادشاھ تي قبضو ڪيو تہ اوچتو پنهنجي دشمن نورجهان جو خيال آيس. جنهن کي شاهي خيمن مان گرفتار ڪرڻ ڪيس وسري ويو هو. هو ٻيهر موٽيو پر ايتري ۾ نورجهان درياھ پار ڪري وئي هئي. جڏهن مهابت خان تحقيق ڪئي تہ ايڏو سخت پهرو هوندي هوءَ ڪيئن درياھ پار ڪري وئي تہ خبر پيس تہ هوءَ مرداڻو ويس ڪري درياھ پار ڪري وئي هئي. نورجهان درياھ جي ڪناري تي پهچي، پنهنجي ڀاءُ آصف خان جي خبر ورتي ۽ پوءِ بادشاھ کي ڇڏائڻ جون ترڪيبون سوچڻ لڳي.

شاهي فوج درياھ پار ڪري مهابت خان تي حملو ڪرڻ ۽ بادشاھ کي ڇڏائڻ جون ڪوششون ڪيون، پر ناڪام رهيون. اهڙي هڪ مهم جي قيادت نورجهان پاڻ ڪئي. هوءَ هاٿيءَ تي سوار تي فوج کي حڪم ڏئي رهي هئي. درياھ جي وچ ۾ هڪ تير هن جي ٿڃ پياڪ ڌيءَ جي ٻانهن ۾ لڳو ۽ نورجهان پاڻ بہ مرندي مرندي بچي. اها آخري ڪوشش هئي. سلطنت جو سڀ کان وڏو امير (آصف خان) اٽڪ ڀڄي ويو ۽ نورجهان پنهنجي مڙس جي جدائي گهڻا ڏينهن برداشت نہ ڪري سگهي ۽ هن پنهنجي مرضيءَ سان پاڻ کي مهابت خان جي حوالي ڪري ڇڏيو. جنهن، ڪيس بادشاھ وٽ وڃڻ جي اجازت ڏني.

هاڻ مهابت خان اصولي طور هندستان جو بادشاھ هو. مغل سلطنت هن جي نگرانيءَ هيٺ هئي. فرق اهو

هو تہ نورجهان جي اقتدار جي بنياد
پنهنجي مڙس سان محبت ۽ عقيدت
هئي. جڏهن تہ مهابت خان جي اقتدار
جي بنياد فقط طاقت هئي. بهرحال
وقتي طرح هن جي حڪومت هئي.

هندستان جو انتظام پورو
ڪرڻ کان پوءِ مهابت خان، بادشاهہ
کي پاڻ سان گڏ ڪابل هلڻ لاءِ چيو.
اٽڪ مان هن آصف خان ۽ هن جي پٽ
کي گرفتار ڪيو. مئي 1626ع بروز
آچر، قافلو ڪابل پهتو. بادشاهہ
ظاهري طرح ان انقلاب کي قبول ڪري
ورتو هو. نورجهان ۽ آصف خان بيوس
قيدي هئا. تاريخدان لکن ٿا تہ
نورجهان جو سرگرم ۽ تيز دماغ
پنهنجي مڙس کي آزاد ڪرائڻ ۽
پنهنجي اقتدار جي بحاليءَ لاءِ ڪانہ
ڪا تدبير سوچڻ ۾ رڌل هو. پر هوءَ
ڪنهن موقعي جي تاڙ ۾ هئي.

نيٺ هن منصوبو ناهي ورتو.
جنهن تي عمل ڪرڻ لاءِ هن جهانگير
کي سيکاريو. جنهن ڪري بادشاهہ
مهابت خان کي پڪ ڏياري تہ هو ڪيس
هميشہ پاڻ سان گڏ رکڻ ۽ سندس
صلاح ۽ مشوري تي هلڻ چاهيندو هو.
پر نورجهان ۽ آصف خان جي ڪري
مجبور هو.

جهانگير ڪيس اهو بہ چيو تہ
هن کي خوشي ٿي آهي تہ هن جي
وفادار نوڪر ڪيس نورجهان کان آزاد
ڪرايو هو. هاڻ هو پنهنجي مرضيءَ
سان مهابت خان جي صلاح سان سلطنت
جو ڪم سرانجام ڏيندو. هن اهو ظاهر
ڪيو تہ هن کي مهابت خان تي تمام
گهڻ واعتماد هو. هن، نورجهان جون
سيکاريل ڪجهہ راز جون ڳالهيون
ڪيس ٻڌايون ۽ هن کي اهو يقين
ڏياريو تہ اصل دشمن نورجهان آهي.

ان سان گڏ جهانگير پنهنجا
شغل جاري رکيا. مهابت خان پنهنجي
چالاڪي ۽ هوشياريءَ هوندي بہ دوکو
کائي وينو ۽ هن بادشاهہ جي رهائش
سميت بين جاتن تان راجپوت پهريدارن
جوتعداد گهٽ ڪري ڇڏيو.

بئي پاسي نورجهان لڪي
لڪي پنهنجو ڪم ڪندي رهي. هن نہ
فقط ڪجهہ اميرن کي پاڻ سان گڏ
ملائي ورتو، پر پنهنجي بااعتماد
خواجہ سرا هوشيار خان ذريعي لاهور ۾
بہ هزار ماڻهو پرتي ڪيا. ڪابل کان
موٽندي نورجهان جا اهي سپاهي
روهتاس ويجهو ساڻس اچي مليا.
ناهيل منصوبي مطابق جڏهن روهتاس
هڪ ڏينهن جي فاصلي تي رهجي ويو،
بادشاهہ، مهابت خان کي چيو، اڳين
صبح هو ملڪ جي فوجي دستن جو
معائنو ڪرڻ گهري ٿو. ان لاءِ راجپوت

فوج ٽورو اڳتي هلي وڃي. مهابت کي اندازو ٿي ويو تہ هن سان دوکو ڪيو پيو وڃي، پر هاڻ نورجهان جي سپاهين جي شاهي لشڪر ۾ اچڻ ڪانپوءِ هن وٽ بادشاهہ جو حڪم مڃڻ ڪانسواءِ ڪو رستو نہ هو.مهابت خان اڳتي هلي بيهڻ بدران ڀڄي ويو. شاهي فوج هن جي پنيان وئي، پر هو هٿ نہ آيو. ائين نورجهان، جهانگير کي آزاد ڪرائي پنهنجي مڙس جي وفادار زال، محبوبہ ۽ هندستان جي ملڪہ هئڻ جو حق ادا ڪيو.

مارچ 1627ع ۾ جهانگير، مهابت خان جي چنبي مان آزاد ٿي ڪشمير روانو ٿيو. پر هي جنت بہ هن جي صحت لاءِ ڪجهہ خاص حوصلا افزا ثابت نہ ٿي. ڏينهون ڏينهن هو ڪمزور ٿيندو ويو. بک بہ ختم ٿي ويس ۽ آفيم بہ هن لاءِ مهانگي ٿي وئي. بس ڪجهہ پيالا انگوري شراب هن کي هضم ٿيندي هئي.

گهوڙي جي سواري هن لاءِ ناممڪن ٿي وئي. هاڻ هو فقط پالڪيءَ ۾ سفر ڪري سگهيو پئي.

انهيءَ وقت هو راجوري کان اڳتي پيمہ يار ويڇهو چنگير هٽلي ڏانهن روانو ٿيو. ڪيترن تاريخدانن، چنگير هٽلي جو نالو چنگيز هٽي، چنڪر هٽلي ۽ چٽڪلا هٽي لکيو آهي.

اڄڪلهہ ان جو نالو چنڪر سراءِ آهي. اهڙيءَ طرح پيمہ يار پنجاب جي هاٽوڪي ضلعي گجرات جي ويجهو سرحد وٽ آهي. هاڻ هي ننڍڙو ڳوٺ آهي. پر قديم شاهي سراءِ جا آثار اڄ بہ موجود آهن. اها بہ جهانگير جي شڪار گاهہ هئي. سفر دوران جهانگير جي حالت خراب ٿي وئي. هن شراب جو جام گهريو، جيڪو هن جي وات تي رکيو ويو. پر هو نہ پي سگهيو. رات جو طبيعت اڃا وڌيڪ خراب ٿي ويس ۽ 29 آڪٽوبر 1627ع تي صبح جو سوير اٺونجاهہ سالن جي عمر ۾ ۽ پنهنجي حڪومت جي ٻاويهين سال ۾ هو گذاري ويو.

بادشاهہ جو اکيون بند ٿيندي ئي تخت ۽ تاج لاءِ جنگ شروع ٿي وئي. نورجهان اقتدار تي پنهنجو قبضو رکڻ چاهيو، پر کيس ناڪامي ٿي.

هن اميرن جي مجلس شوري گهرائي، پر آصف خان سازش ڪري مجلس ٿيڻ کان روڪي ڇڏي، ڇو تہ دلي طرح هو خرم جو وفادار هو. هن نہ فقط نورجهان کي قيد ڪيو، پر بنارسي نالي پنهنجي وفادار کي دکن روانو ڪيو، جتي خرم ترسيل هو. جيئن تہ خرم کي شاهي اختيار سنڀالڻ ۾ دير لڳي ها، ان لاءِ وچين وقفي لاءِ داور بخش کي بادشاهہ ڪيو

ويو. داور بخش، شهريار جي سفارش تي خان اعظم جي لقب جو حقدار هو.

درٻاري امير جيئن تہ خرم جا حامي هئا، ان لاءِ هنن داور بخش جي مخالفت نہ ڪئي. ان سان گڏ خرم جي چوڪرن کي نورجهان جي محل مان ڌار ڪرڻ جون تجويزون بہ عمل هيٺ هيون.

ظلم تہ ڏسو، اهي سڀ ڳالهيون جهانگير جي وفات واري ڏينهن ٿيون. نورجهان شايد زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو پنهنجي شڪست قبولي. ڀيمر يار ۾ داور بخش جي نالي جو باضابطہ خطبو پڙهيو. اتي مرحوم بادشاهہ کي دفنائڻ جون رسمون ادا ٿيون ۽ جنازي کي شاهدره لاهور ۾ نورجهان جي ذاتي باغ ۾ دفن ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو. انهن حالتن ۾ اهو ممڪن نہ هو تہ مغل سلطنت جي مالڪ ۽ مختيار جو ڪفن دفن انهيءَ شاهاڻي طريقي سان ٿئي ها، جيئن هن زندگي گذاري هئي. هن جي محبوب راڻي هن لاءِ جيڪا جاءِ چونڊي، اتي ڪيس دفن ڪيو ويو. باقي شهزادي خرم، شهاب الدين شاهجهان تي ڪري هندستان جو مالڪ ٿيو تہ نورجهان ذاتي خرچ تي پنهنجي محبوب مڙس جو مقبرو ناهڻ لاءِ موڪل گهري. حيرت ٿئي ٿي تہ شاهي درٻار ڪيس موڪل ڏني.

نورجهان اڪيلي سر پنهنجي نور الدين محمد جهانگير جو مقبرو جوڙايو. جيڪو پنهنجي وقت جو فن تعمير جو نهايت شاندار نمونو آهي.

لاهور جي ٻاهرين علائقي شاهدره ۾ محبت جي هيءَ يادگار هاڻ بہ موجود آهي. پر ان جي حسن کي گرهڻ لڳي ويو آهي. هڪ زماني ۾ فرگوسن نالي ليکڪ لکيو هو تہ هي مقبرو وسيع پٿين سان گهيريل هڪ باغ آهي، جيڪو 530 گز وسيع ۽ سٺ ايڪڙ زمين تي پکڙيل آهي.

جهانگير جي قبر پنجونجاهہ فٽ ويڪري ۽ ان جي هر طرف پڪيون پٿيون ٺهيل آهن. تابوت سنگمرمر جو آهي. مرڪزي جاءِ سڄي ڳاڙهي سنگمرمر جي آهي. اعليٰ نقش ڏسي ناهيندڙ جي اعليٰ ذوق جي خبر چوي ٿي. باقي وچيون پاسو خالي آهي.

اهو فن تعمير جي لحاظ کان گهٽو وٽندڙ ناهي. بادشاهہ جي قبر مٿان ڪو گنبذ ناهي ناهيو ويو. ان لاءِ تہ هو قدرتي حسن جو شيدائي هو ۽ هن جي خواهش هئي تہ هن جي قبر کليل هجي ۽ ماڪ ڦڙن سان تر ٿيندي رهي. جهانگير جي دفن ٿيڻ کانپوءِ مغل شهزادن تخت لاءِ پنهنجيون تلوارون ڪڍي ورتيون ۽ هڪ ٻئي جو

تمام تمام گهٽو رت وهايو. نورجهان جنگ ۾ پنهنجو محدود ڪردار ادا ڪيو، جو تہ مڙس جي وفات ڪانپوءِ ڪيس قيد ڪيو ويو هو.

ڪجهہ تاريخدان چون ٿا تہ نورجهان کي ٿوري بہ آزادي نصيب ٿئي ها تہ شايد هوءَ پهرين مغل راڻي سڏجي ها.

نورجهان هڪ سمجهدار ۽ چالاڪ عورت هئي. ان لاءِ آخر ڪار ميدان مان نڪري پاسيري ٿي وئي. هيءَ اها سلطنت هئي، جنهن جي هوءَ مالڪ ۽ مختيار هئي. پر هن (مغلن جي محبوب راڻي) جي عشقيہ زندگيءَ ۾ اهڙو وقت بہ آيو جو هر وقت مداحن جي جهرمٽ ۾ تارن جيان جرڪندڙ نورجهان اڪيلي رهجي وئي. هڪ دفعي اهي افواهہ بہ اٿيا تہ ڪيس قتل ڪيو ويو آهي، پر پوءِ خبر پئي تہ اقتدار تي وينلن ڪيس جيئرو رهڻ ڏنو هو. پر هن جي اقتدار جون سڀ نشانيون ڊاهيون ويون. هن جي نالي جا سڪا موٽائي ورتا ويا. اها راڻي جيڪا مغل دولت کي پنهنجن هٿن سان لٽائڻ ۽ ونڊڻ جي مالڪ هئي، بہ لک وظيفي تي قناعت ڪري ويهي رهي. ستم تہ اهو هو جو وظيفو اهڙي ماڻهوءَ مقرر ڪيو هو، جنهن کي نورجهان عروج تي پهچايو ۽ پوءِ هيٺ ڪيرايو.
پر قسمت ڪيس ٻيهر اوج تي رسايو يعني شاهجهان بادشاه.

جهانگير جي مرڻ ڪانپوءِ هميشہ نورجهان اڇا ڪپڙا پاتا ۽ خوشيءَ جي محفلن ۾ وڃڻ کان پاسو ڪيو. گهٽو ڪري پنهنجي ڌيءُ ۽ شهريار جي بيوه لاڏلي بيگم سان گڏ سوڳ ۾ لاهور ۾ ترسي پئي. آخر ڪار مئي 1645ع ۾ محبت ۽ ذهانت جو هي مجسمو هميشہ هميشہ لاءِ خاڪ نشين ٿي ويو. هن جي تدفين انهيءَ قبر ۾ سادگيءَ سان ٿي، جيڪا هن پنهنجي لاءِ تيار ڪرائي هئي.

چون ٿا تہ وقت جي شهنشاهہ ۽ نورجهان جي جاني دشمن شاهجهان، هن جي قبر مٿان مقبرو نهرايو هو. ٿي سگهي ٿو تہ هن اهو سوچيو هجي تہ مغلن جي لڄ مرڻ ڪانپوءِ بي پرده نہ هجي. پر هو نورجهان جي مقبري کي سونهن نہ بخشي سگهيو.

شايد ان لاءِ مغل راڻيءَ جي مرقد تي جيڪو بيت لکيل آهي، اهو هن جي حالت جي صحيح عڪاسي ڪري ٿو:

بر مزارِ ما غريبان ني چراغي ني گلي

ني پر پروانہ سوزو ني صداءِ بلبلي.

****